# پروفيسر

نجم عباسي

books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون،

سنڌي ليکڪن جي تخليقي عمل جي عمر عام طور تي ۱۰/۱۲ سال مس ٿئي ٿي. ڪي ٿورا ليکڪ اهڙا هن، جيڪي زماني جي گردش سان منهن ڏيندا، لڳاتار لکي رهيا آهن. پر، سنڌيءَ ۾ شايد اهو هڪ نئون مثال آهي، جو ڪو ليکڪ ذري گهٽ اڌ صديءَ کان مسلسل، بنا ڪنهن وڇوٽيءَ جي لکي رهيو آهي، ۽ اڃا ٿڪو ناهي — نجم عباسي ۴۳ سالن کان لکي رهيو آهي!

نجم عباسي هن وقت سنڌيءَ جو سڀ کان سينيئر (Senior) ڪهاڻيڪار آهي. هن ۱۹۴۱ کان لکڻ شروع ڪيو هو، ۽ اڄ تائين، هو انتهائي تيزيءَ سان لکي رهيو آهي. جنهنجو هڪ مثال هي ڪتاب پڻ آهي، جنهن ۾ ڏنل ۲۰ ڪهاڻين مان ۱۵ اڻ ڇپيل آهن.

زيب سنڌي
۲۷- آگسٽ ۸۴ع

# نجم عباسيءَ جا ڇپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- طوفان جي تمنا (ٻہ ڇاپا) | ١٩٦٩ |
| ٢- پٿر تي ليڪو (ٻہ ڇاپا) | ١٩٧٣ |
| ٣- ڪارڙهو لالٽين (ٻہ ڇاپا) | ١٩٧٤ |
| ٤- جهڪي منهنجي من ۾ آهي | ١٩٧٧ |
| ٥- ناچڻي | ١٩٧٨ |
| ٦- ايڏو سور سهي | ١٩٧٨ |
| ٧- سون پڻ ڪارو هو | ١٩٧٩ |
| ٨- ڏنڊ ائن ڏنل | ١٩٨٠ |
| ٩- رشتا ناتا | ١٩٨١ |
| ١٠- اڪيلا نہ آهيون | ١٩٨٢ |
| ١١- سورج هوندي سرجهايل | ١٩٨٢ |
| ١٢- للڪار | ١٩٨٣ |
| ١٣- پهاڙن ۾ پڪار | ١٩٨٤ |
| ١٤- پيار ڪهاڻي | ١٩٨٤ |
| ١٥- بلنديون | ١٩٨٤ |
| ١٦- پروفيسر | ١٩٨٤ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئڪسم گورڪيءَ جي ناول "ماءُ" جي نالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو سورهون ڪتاب

ساهت جي خيال کان، منهنجي لاءِ هي سال ڏاڍو زرخيز ثابت ٿي رهيو آهي. منهنجا پنج ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، چار ٽوان ۽ هڪ پراڻو. ٽوان ڪتاب هي آهن:- (۱) ڀڄاڙن ۾ پڪار (ترجمو- ڪهاڻيون) (۲) پيار ڪهاڻي (اصلوڪو ناول) (۳) ٻلنديون (اصلوڪو ناول) (۴) پروفيسر (اصلوڪيون ڪهاڻيون). انهن کان سواءِ منهنجي ڪتاب "پٿر ني ليڪو" جو ٻيو ڇاپو به شايع ٿيو آهي. ٻي ٿئين ڳالهه اها هئي ته منهنجا ٻه ڪتاب "ٻلنديون" ۽ "پروفيسر" هڪ ئي وقت، هڪ ئي پريس ۾ ڇپيا. اهو به، تخليقي سنڌي ساهت ۾ هڪ رڪارڊ آهي.

مون لکڻ ۱۹۴۱ ۾ شروع ڪيو هو، پر منهنجو پهريون ڪتاب ۱۹۶۹ ۾ شايع ٿيو. ان کانپوءِ هڪڙي پٺيان منهنجا ڪتاب ڇپبا رهيا. هي منهنجو سورهون ڪتاب آهي. انهيءَ حساب سان، منهنجو پهريون ڪتاب شايع ٿيڻ کانپوءِ، سراسري طور، هر سال هڪڙو ڪتاب شايع پئي ٿيو آهي.

سماجي ڦيري ۽ قومي آجائيءَ لاءِ ساهت سهڪاري ذريعو آهي. پر ڪيڏو اهو آهي ته ان ڏس ۾ اسانجو ساهت ڪيترو اثرائتو ثابت ٿيو آهي. جي اثر موجود آهي، پر ماپ جي خيال کان تسلي بخش نه آهي ته ليکڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي پنهنجيون ڪوششون تيز ڪرڻ کپن. جي اڄ مرڳو آهي ئي ڪونه ته ساهتڪارن کي خود تنقيد ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪري پنهنجي لکڻين جون واٽون، گهربل ڏس ۾ بدلائڻ کپن.

اڳي هر مسئلي جو حل مذهب ۾ سمجهيو ويندو هو. ٽوڻا ڦيڻا، جنتر منتر، دعا تعويذ، وظيفا، ختما، چلا، خير خيراتون، نذر نياز، قرباني صدقا، پوڄا پاٺ ۽ عبادت جهڙا ان جا طريقا هئا. هاڻي مسئلا سياست ذريعي حل ڪيا ٿا وڃن. نعرا، تقريرون، ٺهراءُ، پوسٽر، پٿرن تي لکيتون، پرچار، بهشڪار، هڙتال، بک هڙتال، مطالبا، مظاهرا، احتجاج، طبقاتي تحريڪ، عوامي هلچل، ويندي گوريلا جنگ سڀ سياست جا وسيلا آهن. ساهت کي به سياست جو سهڪاري بڻجڻ گهرجي، بنيادي سهڪاري، خاص ڪري تخليقي ساهت يعني ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ ۽ شعر جي روپ ۾.... جيئي سنڌ!

ناجم عباسي
(١- سيپٽمبر ١٩٨٤)

٩٥- بي، يونٽ نمبر ٢
لطيف آباد حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪهاڻيون


١- وڇوڙيون ٩
٢- سري لنڪا جي اڪ ١٨
٣- خالق ڏني جي غيرت ٣٣
٤- اتفاق جو مارو ٤٣
٥- بڇاڻ ٤٩
٦- ارادي جي مرڪ ٥٥
٧- پاڙي وارا ٦٥
٨- سڌو قدم ٧١
٩- نه ڪا جهل نه پل ٨٠
١٠- هٿ ڪشڪول نه آهن ٩٣
١١- گورڪيءَ جو ناول ١٠٧
١٢- انهن گهڙين جو خمار ١١٦
١٣- پيچل، پٺي روپ ۾ ١٢٤
١٤- تاڻ ١٢٨
١٥- مٺي بوء ١٣٨
١٦- پيهي جان پاڻ ۾ ١٤٥
١٧- پروفيسر ١٥١
١٨- وري نه ايندو وڻجارو ١٦٣
١٩- اگهاڙو سماج ١٧٤
٢٠- پتنگ ١٩٣


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڇوڙيون

عزيز ڪجهه ڏينهن کان ڏاڍو پريشان آهي. اڄ به پريشان آهي. صبح جو ننڊ کان به اڳ گهر مان نڪري ٿو. پنهنجي رازدار دوست پنهل جي جاءِ تي پهچي ٿو. هن جي چهري تي پريشاني ايترو پڌري آهي جو پنهل جي پيءُ کي پڇڻو پوي ٿو:

”ابا، خير ته آهي، فڪرمند پيو ڏسجين؟“

”چاچا، سڀ خير آهي. پنهل سان ائين ئي ڪچهري ڪرڻ آيو آهيان.“

”هو ته سوير الائجي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي. تون ويهه، اچي ويندو.“

”نه چاچا، وهان ڪونه ٿو. ملي هند وڃي ٿو ڏسانس.“

ائين چئي، هو تڪڙو تڪڙو اتان نڪري ٿو. پٺيان پنهل جو پيءُ، هن جي اناولائپ تي عجب وچان نهاريندو رهي ٿو.

موڪل جو ڏينهن آهي. عزيز سوچي ٿو ته پنهل ڳاڏي ڪاتي ويو هوندو، جتي هڪ جاءِ ۾ هنن جا ٻي هم ڪلاسي ڪاليجي رهندا آهن. اتي اڪثر پتن ڪيڏڻ

گهرڙي ٿو ته ماءُ مانيءَ لاءِ چويس ٿي. چوي ٿو دوست وٽان کائي آيو آهيان. جيتوڻيڪ صبح کان ڪجهه نه کاڌو اٿس. ماءُ محسوس ڪيو آهي ته پٽ ٻن ٽن ڏينهن کان ماٺ ماٺ آهي. هيئنر هن جو منهن لٿل، وياڪل ۽ ٿڪل ڏسي، ڏاڍي پيار مان پڇي ٿي:

”پٽ، تنهنجي طبيعت ته ٺيڪ آهي؟“

عزيز تيز نظرن سان ماءُ ڏي نهاري ٿو. انهن نظرن ۾ چڙ ۽ بيزاري آهي. ماءُ انهن نظرن جو تاب جهلي نه ٿي سگهي ۽ پنهنجون نظرون ڦيرائي ٿي ڇڏي. هو پنهنجي ڪمري ڏانهن رخ رکي ٿو ۽ ماءُ حيرت وچان هن کي ويندو ڏسي ٿي. هوءَ ڏسي ٿي ته هو ڪمري ۾ گهڙي، پٺيان نهارڻ بنا، ايڏو زور سان دروازو بند ڪري ٿو جو وڏو ٺڪاءُ نڪري ٿو ۽ ماءُ کي محسوس ٿئي ٿو ڄڻ هن کي ٿڦڙ هنيو ويو هجي! پر ڇو؟ پر ڇو؟.... بس اڄڪلهه جا ڇوڪرا!.... هوءَ ٿڌو ساهه ڀري سوچي ٿي.

بار بار عزيز جي ذهن کي هي سوال ساڙيندو رهيو آهي ته سان هيءَ ڳالهه پنهنجي پيءُ کي ڇونه ٿو ٻڌائي سگهان، پنهنجي ماءُ سان هن ماملي ۾ ڇونه ٿو مشورو ڪري سگهان؟ هيئنر هنڌ تي ليٽندي، ڇت ۾ ڦرندڙ بجليءَ جي پکي جي ٺهيل دائري کي گهوريندي، هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصولن ۽ بورجوا ذهنيت جي ٻي لغام گهوڙن جي سنبن هيٺان پنهنجي جيون چچرجڻ نه ڏيندس....

هينئر هڪ ئي وقت ڪيترين ئي ڳالهيون ٿمن ٿيون. بجلي بند ٿي وڃي ٿي. پکو بيهي رهي ٿو. ٻاهر هو ته ڪاڙهي جسماني طور هن کي وياڪل بڻائي ڇڏيو هو ۽ ذهني طرح پيڙا وڌائي هئي. ڪمري ۾ پکي جي هوا هن کي نه رڳو بدني فرحت پهچائي آهي، پر هنيانءَ تي به ٿڌو چنڊو وڌو آهي. پکي جي آواز ڪري جيڪي ٻاهريان گوڙ ٻڌي ويا هئا، سي ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳن ٿا. رستي تان رڪشائن ۽ بين گاڏين جي لنگهڻ جو شور ۽ پاڙي مان ڳالهائڻ ۽ ٻارڙن جي رڙڻ جا آواز. پنهنجي گهر ۾ گهڙندي، ڏهه سال پراڻي ماڊل جي موٽر جي ڪنگهڻ ۽ ڪڙڪڻ مان سمجهي ويو ته بابو پهچي ويو آهي. گهنٽي، پوسٽ ۽ پکهر وري هن ۾ بيزاري پيدا ڪن ٿا. هو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو آواز ٻڌي ٿو. وري پکي ڏانهن نهاري ٿو. ان جو دائرو ختم ٿي چڪو آهي ۽ ٽي پَرَ الڳ الڳ ٿي بيٺا آهن: هن جي پيءُ، هن جي ماءُ ۽ خود هن وانگر....
هو پاڻ کي پنهنجي ئي گهر ۾ اڪيلو محسوس ڪري ٿو. پر بيوسيءَ جا ڳوڙها نه ٿو ڳاڙي. هن ۾ غصي، تلخي ۽ جوش جا جذبا ابرن ٿا ۽ چڻ ته گلزار کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڀون ٿي چوي ٿو: "مان توکي هن سوڙر سماج ۾ اڪيلو ڇڏي نه ڏيندس!"

پوءِ ڇڻ ته هو پنهنجي ذهن جي ڪمپيوٽر جو حل ڪرڻ وارو بٽڻ دٻائي ٿو.... ۽ جواب ملي ٿو: مان بابا کان پئسا گهرندس، ۽ جي هن سڌي طرح نه ڏنا ته پستول جي نوڪ سان هن کان پوري رقم وٺندس....

(٢٨- آگسٽ ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سري لنڪا جي اِڪ

سري لنڪا ۾ ننڍپڻ کان جي ڪئين دلچسپيون پيدا ٿيون. جهڙوڪ: ... نه، ايتري دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي. پرائيون دلچسپيون نه ڪيتريون هيون. انهن ۾ ڪي شخصي دلچسپيون پڻ هيون.... جڏهن هو ننڍڙو هو، تڏهن ريڊيو سيلون (ان وقت سري لنڪا، سيلون سڏبو هو) ڏاڍي شوق سان ٻڌندو هو. تن ڏينهن ۾ ريڊيو سيلون تان ئي واپاري اشتهارن سان گڏ فلمي ۽ فرمائشي گانن جو پروگرام گهڻي ڪان گهڻو وقت ايندو هو. ٻي ڪنهن به ريڊيو اسٽيشن تان نه اشتهار ايندا هئا ۽ نه ايترا فلمي گانا. هن کي ايترو خبط هوندو هو جو پاڻ به پنهنجي پسند جي گانن جون فرمائشون لکي موڪليندو هو، ۽ پوءِ ڏاڍي انتظار ۽ اميد وچان ريڊيو سيلون ٻڌندو هو، ۽ جڏهن ان تي سندس نالو ورتو ويندو هو ته معصوم خوشيءَ وچان هن جي دل ائين جنبش ۾ اچي ويندي هئي، جيئن ميڻ بتيءَ جي لاٽ هوا جي هلڪي جهوٽي ۾، ۽ هو فخر مان اها ڳالهه پنهنجي مائٽن ۽ سنگتين کي ٻڌائيندو هو، يا گهڻو ڪري اڳواٽ ئي هنن کي اطلاع ڏئي ڇڏيندو هو ته ريڊيو سيلون تي منهنجو نالو اچڻ وارو آهي، ضرور ٻڌجو. انهيءَ مشغوليءَ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي من ۾ سيلون جي جيڪا صورت چٽي هئي، سا اها هئي ته سيلون جي سرزمين ساڳي ۽ سهڻي آهي، انهي جا رهاڪو سکيا ستابا آهن ۽ اهو ملڪ راڳ ۽ سازن جي آوازن سان گونجندو رهي ٿو. هو پيءُ کان به سيلون جي باري ۾ سوال پڇندو رهندو هو. سري لنڪا جي خوشحاليءَ جو ڪاٿو، هن کي لطيف سائينءَ جا هي شعر پڙهڻ وقت به ٿيو هو.

لنڪا لنڪا ڪن، لڳ لنڪا جي اوهريا،
سڀئي سون لنڪا جو، سک نه ساموندين.

---

ساموندي سائو، لنڪا لوپي آئيا.

---

ان کان به آڳاٽي دلچسپي دسهڙي ۽ ڏياريءَ جي هئي، جنهن جي سڀار، هوش سنڀالڻ جي چئن سالن وٺي ٿي آيس. دسهڙو ويجهو ايندو هو ته دڪانن تي ڦٽاڪا اچي وڪرندا هئا ۽ ڳوٺ جا هندو توڙي مسلمان ٻار ان جشن ۾ حصو وٺندا هئا. هو به پيءُ کان خرچي وٺي ڦٽاڪا خريد ڪندو هو ۽ ٻين ٻارن سان اهي ساڙيندو هو ۽ ڪوڙ ڏينهن واهڻ جو وايو منڊل ڦٽاڪن جي ٺڪاڻن ۽ ڌماڪن سان گونجندو رهندو هو. دسهڙي واري ڏينهن هندو، راوڻ جو بوتو ناهي ان جو جلوس ڪڍندا هئا ۽ ڳوٺ جي ٻاهران ميدان ۾ وڃي اهو بوتو، جنهن ۾ وڏا وڏا ڦٽاڪا ٽنبيل هوندا هئا، سو ساڙيندا هئا. نياز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راوڻ پنهنجي خواهش خاطر، سچي ملڪ مٿان جنگ مڙهي هئي. هنومان نيٺ راوڻ کي ماري، سيتا کي آجو ڪرايو.... رام کي هندو اوتار ڪري مڃيندا آهن. جنهن ڏينهن تي راوڻ کي ماريو ويو، اهو ڏينهن دسهڙو ۽ جنهن ڏينهن تي جلاوطني پوري ڪري سيتا سميت رام واپس ايوڌيا پهتو، اهو ڏينهن ڏياري ڪري ملهائيندا آهن.

سري لنڪا ۾ نياز جي هڪ ٻي دلچسپي هيءَ هئي: هو ڪتابن ۾ اهو واقعو پڙهندو آيو هو ته عرب واپار جي خيال کان لنڪا، سنڌ ۽ ٻين ملڪن ڏانهن ايندا ويندا رهندا هئا. اهي واپاري پنهنجي عياش حاڪم خليفي جو راضپو حاصل ڪرڻ خاطر، هن جون هزارين خوشامندون ڪندا هئا. هڪڙي خاص خوشامد اها به هئي ته ٻين ملڪن جون سهڻيون ڇوڪريون ۽ عورتون خريد ڪري يا ڦاسائي، هو خليفي کي وڃي تحفو ڪري ڏيندا هئا. هڪڙي ٻيڙي اهڙا ڪي ونجارا ۽ دلال پنهنجي زور تي ڪجهه غريب ۽ بيوس حسين عورتون سري لنڪا مان ڦاسائي، خليفي وليد بن عبدالملڪ لاءِ کڻي تي ويا. سنڌ وٽان لنگهڻ وقت، ديبل بندر تي، هنن ساڳي حرڪت ڪئي هئي. سنڌين کي جو خبر پئي، تن غيرت ۾ اچي، ان جهاز تي حملو ڪري، پنهنجي وطن جي سيتائن کي ڇڏارايو هو.

نياز جي سري لنڪا ۾ وڏي ۽ شخصي دلچسپي هئي پنهنجي اک جي ڪري. هنجي ڪاٻي اک ۾، ننڍي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي ماتا جي بيماريءَ ڪري ڦلو پئجي ويو هو، انڪري ان اک مان نظر صفا ڪانه پوندي هئس. ان جو علاج اهو آهي ته ڪنهن تازي مئل ماڻهوءَ جي اک جو ٻاهريون شفاف تهه (Cornea) ڪڍي، آپريشن ذريعي ڦلي واري اک ۾ وڌو وڃي ته نظر ته موٽي ايندي. نياز کي پتو پيو ته سري لنڪا ئي اهڙو ملڪ آهي جو، دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن تازن مئلن جون اکيون موڪليندو آهي ته جيئن انهي جي ماڻهن جي انڌائيءَ جو علاج ٿي سگهي. جيئن ته ملن جي چوڻ موجب مردي جي اک ڪڍڻ بيحرمتي آهي، انڪري هن ملڪ کي به ڪڏهن ڪڏهن سري لنڪا مان خيرات طور اکيون اينديون آهن، جي هتي جا ڊاڪٽر ضرورتمندن کي آپريشن ذريعي وجهي، هنن کي سجو بڻائيندا آهن. نياز کي سري لنڪا جي اک ملي وئي ۽ هڪ طرح هاڻي هو دنيا کي سري لنڪا جي اک سان ڏسي رهيو هو. نياز خفتي ماڻهو هو. جڏهن هو اک جي ڦلي جي آپريشن ڪرائڻ واسطي اسپتال ۾ داخل هو ته هن کي خيال ٿيو ته هو ان مرحيات مهربان جو نالو معلوم ڪري، جنهن جي اک هن کي نور ڏنو هو. عام طرح مريض کي اها ڄاڻ نه ڏني ويندي آهي. پر اسپتال جي ڪلارڪن سان دوستي رکي، اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اها اک مرحيات ڊنوڊ ڊي سلوا جي هئي. هو ڪرستان هو ۽ رڪارڊ ۾ موت جو سبب لکيل هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديس ۾ راوڻ به هوندو آهي. بهرحال هن پنهنجي مرحيات مهربان ڊڏوڊ ڊي سلوا جي قتل جو ڪارڻ ڄاڻڻ واسطي هنجي پٽ جان ڊي سلوا کي خط لکيو.

جان ڊي سلوا هن کي ڊگهو ۽ تفصيلي جواب ڏنو:

”توهانجو خط گهڻي دير سان پهتو، ڇوته اسانجي وطن ۾ وڏو گوڙ ۽ گڙ ٻڙ متل آهي. هن وقت، جنهن وقت مان هي خط لکي رهيو آهيان، هن شهر ڪولمبو ۾ ڪرفيو لڳل آهي. هتي جتي مان رهان ٿو، ڏينهن جو گاڏين جي گوڙ ۽ شهرين جي شور ۾ به موسيقي محسوس ٿيندي آهي ۽ رات جي ماٺار به سنگيت ۽ سڳنڌ سان رچيل، ڳوهيل ۽ پوئيل ٿيندي آهي، اتي ڪرفيو جي سناٽي ۾ دونهين، بارود ۽ رت جي بوءِ آهي ۽ ذهنن ۾ ٽڪائن، ڌماڪن ۽ انساني ڪيهن جا دل ڏاريندڙ واڇٽ آهن. اهڙي ڊيڄاريندڙ ۽ پيڙا ڀريل ماٺار آهي، جو مان يونيورسٽيءَ جا ڪم به پڙهي نه ٿو سگهان.... توهان خط ۾ جيڪو سوال پڇيو آهي، ان جي لاءِ، يعني بابي جي موت جو واقعو پڌائڻ لاءِ مونکي سري لنڪا جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو پس منظر پڌائڻو پوندو....

سري لنڪا ۾ ٻه مکيه ڄاتيون رهن ٿيون: سنهالي ۽ تامل. سنهالي سري لنڪا جا آڳاٽا رهاڪو آهن، هو گهڻو ڪري ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ آهن ۽ هنن جي ٻولي سنهالي آهي. تامل، تازي تاريخ ۾ اچي هتي آباد ٿيا

آسام ۽ آهن، انهن کي همت ڏي ڪاڻ ڏيندي جو ووٽرن
جي لسٽ ۽ پنهنجا نالا داخل ڪرائين يا ووٽ ڏيڻ
يا ملڪيت ۽ نوڪرين جي مامرن ۽ آسامين سان
هٿ چراند ڪن. اهڙي طرح آسامين کي جو پنهنجي
ئي صوبي اندر ڌورائيءَ ۽ آڻڻ جي سازش ٿي ڪئي
وئي، سا بند ٿي وئي آهي ۽ آسامين بہ حالي اهو ئي
ٿي چاهيو.

هتان جا هي واقعا، جي سنڌالين کان رکيو جذباتي
طرح ٿي ويا آهن، تن ڪانپوءِ هنن ۽ پنهنجي تنظيم
پيدا ڪرڻ جو احساس وڌيو آهي. اهڙي تنظيم جنهن
۾ عوام، هاري، مزور، پورهيت ۽ شاگرد شامل هجن
۽ جنهن جو پروگرام قومي، سماجي ۽ اقتصادي انقلاب
آڻڻ هجي. هنن کي پرون پئجي ويا آهن تہ هنن کي
بہ جنگيون جوٽڻيون آهن: هڪڙي ڌارين کان جند
ڇڏائڻ ۽ سامراج جي راڄن کي ختم ڪرڻ جي قومي
جنگ ۽ ٻي ٻرمارن کان آجائي حاصل ڪرڻ جي
طبقاتي جنگ ....

هي ڳالهيون لکندي منهنجو من هلڪو ٿيڻ لڳو
هو ۽ مان سدائين واري سنڌ جي هوا ۽ پنل ناريل
جي وڻن جي خوشبوءِ محسوس ڪرڻ لڳو هوس تہ
ٻاهران رستي تان سيٽيءَ جي آواز سينو سازبندي ياد
ڏياريو تہ ڪرفيو آهي ۽ وري رت، باروت ۽ دونهين
جي بوءِ چانئجڻ لڳي آهي ۽ سون کي پنوائي اچڻ



www.sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

ڳجي آهي .... تومان کي اهو پڌائڻو هوم ته جن ٽيرهن سپاهين کي ٢٤- جولاءِ ١٩٨٣ تي، تامل ٽائيگرن اوچتو حملو ڪري ماريو هو، انهن ۾ منهنجو بابا به هو، ۽ جنهن جي اک تومان کي لڳائي وئي آهي. هو فوج ۾ ڪئپٽن هو ۽ وصيت ڪئي هئائين ته موت ڪانپوءِ سندس اکيون ڪنهن جئري انسان کي ڏنيون وڃن....

نهاز خط پورو ڪري، پنهنجي ساڄي اک هڪ هٿ سان ڍڪي، سامهون نهاريو ۽ سوچيائين: مان هاڻي دنيا کي سري لنڪا جي سنهالي اک سان ڏسي رهيو آهيان ....

(١٦- آگسٽ ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# خالق ڏني جي غيرت

خالق ڏني کي ڪلارڪيءَ جي نوڪري ڏهه مهنا اڳ ملي هئي. نوڪريءَ جي تلاش ۾ هن کي ڇهن مهنن کان وڌيڪ جتيون گسائڻيون پيون هيون. مس مس وڃي ڪم ٿيو هوس. هنجو هيڊ ڪلارڪ ڏاڍو سخت ماڻهو هو. ٿوري ڳالهه تي پيو ڇنڇيندو ۽ ڏاڙهيندو هوس: ڪڏهن دير سان اچڻ سبب، ڪڏهن ڪم غلط ڪرڻ ڪري ۽ ڪڏهن سستيءَ جو الزام ڏئي. ٻه چار ڀيرا نه وڏي صاحب، ڊپٽي ڪليڪٽر، وٽ هن جي شڪايت ڪيائين. ان تي وڏي صاحب تي هن کي جنسي ڪتن سان گڏ ڪارايو هو. انهيءَ ڪري هو ڏاڍو ڪنبندو هو. ان ڊپ هن جو ساهه مٺ ۾ ڪري ڇڏيو هو ته متان نوڪريءَ کان نه هٿ ڌوئڻا پون. بيروزگاريءَ وارن ڏينهن جو تصور ڪري، هن جا لڱ ڪانڊارجي ويندا هئا.

هو ويهن ورهين جو سگهارو نوجوان هو. قداور ۽ ڪڻڪ رنگو. منهن تي ماتا جا هلڪا هلڪا ڪُٻ. وار ڪڪا، جي ڳهٽي تيل لڳائڻ ۽ وري وري ڦڻي ڪرڻ تي به اپائي رهندا هئا. اکيون ننڍيون ۽ نڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪدار. هنجي ڳالهائڻ ۽ هلڻ چلڻ سان هن جو کوٽائو رنگ پڌرو هو.

گهر ۾ ٻه ڀاتي هئا. پاڻ ۽ سندس زال هاڻي هنن جو وقت ڏاڍي مزي ۾ گذرندو هو. زال گهر جي اندر سارو ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ ٻاهريون ڪم ڀاڄي ڀتو وغيره وٺي اچڻ هو پاڻ ڪندو هو. ٻئي نوجوان هئا. شاديءَ کي فقط ٻه سال ٿيا هئن. خالق ڏني جي پنهنجي زال سان ڏاڍي پريت هئي.

اوچتو ٻنهيءَ جي وهنوار ۾ ڦيرو اچي ويو. هڪ ڏينهن هيڊ ڪلارڪ وري هن کي دير سان اچڻ ڪري، صاحب اڳيان پيش ڪيو. صاحب اڪيلائيءَ ۾ خالق ڏني کي ڏاڍي نرم لهجي ۾ چيو ته ”ڪوشش ڪري هيڊ ڪلارڪ کي شڪايت جو موقعو نه ڏيندو ڪر.“

خالق ڏنو ته اندر ۾ ڏکي رهيو هو، پر هيءَ نرمي ڏسي، هو اچرج ۾ پئجي ويو.... صاحب هاڻي هن تي ڏاڍو مهربان ٿي پيو هو. پنهنجا ذاتي ڪم به هن کي ڪري اچڻ لاءِ چوندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪپڙن ۾ نه ماپڻ جو هن کي هرڪو سبب ملي ويو. صاحب جو چپراسي هن وٽ آيو، ۽ سس پس ڪري ڪن ۾ چيائين ته ”هڪڙو عرضدار آيو آهي، ڪم ڪو ناجائز اٿس، صاحب ڪونه ڪندس، پر جيڪڏهن تون صاحب کي چوندين ته ضرور ڪندو. هو ماڻهو خرچي ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هن جي درخواست کڻي صاحب، وٽ وڃ ۽

ڇڻيئس تہ منهنجو پنهنجو ماڻهو آهي."
هن کي اعتبار ئي نہ آيو، پر چپراسيءَ هن کي سوچڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو، ۽ جهٽ پنجاهہ رپيا لکائي هن جي هٿ تي ڪري رکيائين. هو اندر ۾ ڏڪندو رهيو، پر وچي صاحب وٽ نڪتو.
"سائين، هڪ عرض آهي."
"ڇو ميان خالق ڏنا؟" صاحب مشڪي پڇيو.
"سائين، هيءَ درخواست منهنجي مائٽ جي آهي، مهرباني ڪري اها منظور ڪريو."
صاحب درخواست پڙهي.
"تون چوين ٿو تہ ڪٽي ڪريان ٿو، پيو ڪو هجي ها تہ اصل نہ ڪريان ها." صاحب سرڪي چيو ۽ صحي ڪيائين.
ان بعد پيون ڪيتريون ئي درخواستون، پٽيوالي جي چوڻ تي، خالق ڏنو منظور ڪرائيندو رهيو.
هڪ ڏينهن پٽيوالي هن کي چيو تہ "صاحب چوي ٿو تہ هاڻي جلد ئي خالق ڏني کي ترقيءَ جو موقعو ڏيو."
هن جا تہ پاڳ ڪلي رهيا هئا. ان ڏينهن، هن نماز سان گڏ شڪراني جا ٻہ نفل بہ پڙهيا.
هڪ ڏينهن، پٽيوالو هن جي پرسان اسٽول تي اچي ويٺو ۽ هن سان اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ٻيا ڪلارڪ پري ويٺل هئا. ڳالهين ڪندي ڪندي چيائين "صاحب تہ توتي بيحد مهربان آهي، پر تون بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب جو ڪو خيال ڪرين ٿو؟"

هن جواب ڏنو "ها چو نه، جيڪو ڪم چوندو آهي، سو ڪري ايندو آهيان، پنهنجا خانگي ڪم به اڪثر مون کان ئي ڪرائيندو آهي."

"ها، اهو ته ٺيڪ آهي، پر صاحب کي اچا به وڌيڪ راضي ڪر. مون به هنن آفيسن ۾ ڏاڙهي اڇي ڪئي آهي ۽ مونکي خبر آهي تہ ڪيئن نڪرڙيون ترقيون ملنديون آهن."

"پوءِ توهان ئي ٻڌاءِ ته مان وڌيڪ ڇا ڪريان؟"

"توهان پاڻ ئي سمجهي سگهين ٿو. زماني جو رخ ڏسي اوڏانهن هلڻ گهرجي. هن زماني ۾ ڪامياب اهو ٿو ٿئي جو ڪجهه به ڪرڻ کان نه ڪيٻائي. اها تہ خبر اٿئي ته صاحب شوقين ماڻهو آهي."

خالق ڏنو منجهيل نگاهن سان هن ڏي نهارڻ لڳو.

"صاف چو نه ٿو ٻڌائين؟"

"اچا به صاف ٻڌايان، چڱو توهان پلي سوچجانءِ. وڌيڪ سياڻي ڳالهائيندا سون."

خالق ڏنو سارو وقت سوچيندو رهيو ته پٽيوالي جو آخر مطلب ڇا هو؟ اها ته خبر هئس ته صاحب رنڊي باز آهي. هن دل ۾ چيو ته هن جو مطلب اهو آهي ڇا ته مان هن جي پوروت ڪريان، ۽ هن لاءِ عورتون مهيا ڪريان. مون کان اهڙو ڪم ڪونه ٿيندو. ڪڏ ۾ وڃي پون صاحب جون اهڙيون مهربانيون، مان نوڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي ڏيندس پر اهڙو ڪڏهن ڪم ڪونه ڪندس. ها، باقي رشوت جو حصو ڪيئن ته اهو پوءِ پهچائبو....

پٽي ڏينهن سويل ئي ٽپالي اچي هن جو پاسو ورتو.

”سائين، پوءِ ڪهڙو جواب آهي؟“ هن پڇيو.

”جيڪڏهن تنهنجو مطلب آهي ته مان صاحب کي ٻه ورتون ڦاسائي آڻي ڏيان ته، مون کان اهڙو حرام جو ڪم ڪونه ٿيندو.“

”سائين، حرام حلال جو حساب ته، خدا ڄاڻي. رشوت وٺڻ به ته حلال جو ڪم ڪونهي.“

”پر مون ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪيو آهي.“

”اها توهانجي لاءِ تمام سولي ڳالهه آهي. ڏسو ته، صاحب جي راضپي مان توهانکي ڪيڏا نه فائدا رسن ٿا. زماني کي منهن ڏيڻ لاءِ، سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي ته برئيءَ کان برئي شيءِ ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي وڃي.“

”مونکي ته، ڪجهه به سمجهه ۾ نه، ٿو اچي.“ خالق ڏني چيو.

”سائين، تمام سولي ڳالهه آهي.“

”ڪيئن ڀلا، کولي ڪٿي ٻڌاءِ.“

”سائين، مان توهانکي ٻڌايان ٿو، پر ياد رکجو ان ۾ ٿي توهانجي ڀلائي آهي، ورنه صاحب کي تنهنجي پرواهه ڪانهي، تون ڪچو ماڻهو آهين ۽ صاحب چاهي ته اڄ ئي توکي نوڪريءَ کان جواب ڏئي سگهي ٿو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين چئي، پٽيوالو هن جي ڇهري جي ڇڪاس وٺڻ لڳو.... خالق ڏني ڪو جواب ڪونه ڏنو ۽ منتظر ۽ منجهيل نظرن سان هن ڏي نهاريندو رهيو.

پٽيوالي پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائي ۽ هنجي ڪن جي پرسان وات آڻي، آهستي چيائين "صاحب تنهنجي زال کي ڏسي ورتو آهي ۽ هو چاهي ٿو ته هن سان ملاقات ڪري...."

خالق ڏنو ٽپي ٻاهر ٿي ويو. هنجون اکيون لعل ٿي ويون، هڪدم پوڙهي پٽيوالي کي ڳٽڙن کان ڪري ورتائين ۽ ڌونشن سان هن جي مرمت ڪرڻ لڳو: "بدمعاش، پوڙها ڪتي جا، مونکي اهڙو بيغيرت سمجهيو اٿو، تو ۽ هن حرامي صاحب اهو منصوبو سٽيو هو...." هو چوندو رهيو.

آفيس جا ڪلارڪ مڙي آيا. صاحب پڻ گوڙ تي پنهنجي ڪمري مان نڪري آيو.

خالق ڏني پٽيوالي کي ڇڏي، صاحب تي گارين جو ڌوڙيو وسائي ڏنو: "بدمعاش، رنڊي باز، شريف عورتن ۾ تو اکيون وجهي، مان پيشاب ڪريان اهڙي نوڪريءَ کي...."

صاحب جي بي‌عزتي ٿيندي ڏسي پٽيوالا، سپاهي ۽ ڪي ڪلارڪ، خالق ڏني تي اچي لڳا. ڪنهن لت هنئي، ڪنهن ڌونشو، ڪنهن پادر. هٿي هن کي رتو رت ڪري وڌائون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب موقعي جي نزاڪت سمجهي ويو ۽ ٽڪرو ٽڪرو پنهنجي ڪمري ۾ گهڙي ويو.

عملي جي ڪن ماڻهن صاحب کي اچي صلاح ڏني ته ڪو ڪيس ٺاهي، خالق ڏني کي جيل ۾ وجهايو وڃي. پر صاحب چيو ته نه اها سزا ئي ڪافي اٿس، ۽ نوڪريءَ کان جواب ٿا ڏيونس.

ٽيلها ڏئي، خالق ڏني کي آفيس مان ڪڍيو ويو. بدن ۽ زخمن ۾ سخت سور محسوس ڪري رهيو هو. ٽنگ ۾ ڏک لڳڻ ڪري هو منڊڪائي هلي رهيو هو. هن جي مهارن ۽ نڪ مان رت وهي رهيو هو. پاهر رستي تي نلڪي مان پاڻي پيتائين ۽ هٿ منهن ڌوتائين ۽ ساهي پٽڻ واسطي پاسي سان هڪڙي دڪيءَ تي ويهي رهيو. هن کي ڌيئيءَ تي سخت غصو اچي رهيو هو. هن، هن کي خون چوڻ ڪيو؟ هن کي عجب لڳو ته ڌيئيءَ هنجي زال کي ڪٿي ۽ ڪيئن ڏٺو؟ هنجي زال پردي جي سخت پابند هئي ۽ شهر ۾ ڪنهن سان به هنن جو اچ وڃ جو رستو ڪونه هو. ها، ان پاڙيوالي کي سو ٻه چار گهرا گهر ۾ سيڌو سامان پهچائڻ لاءِ موڪليو هئائين.

هو خوش هو ته، هن غيرتمنديءَ جو پورو پورو ثبوت ڏنو هو. ”اهڙيون هزار نوڪريون به عزت تان قربان ڪري ڇڏجن. هنن بدمعاشن کي همت ڪيئن ٿي ٿئي جو اسانجي گهرو ۽ شريف عورتن ۾ ٿا اکيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ٽي دفعا ساڳئي نموني سڏ ڪيائين. سندس زال اچي در کوليو.

هوءَ ڏاڍي گهٻرايل ٿي نظر آئي. منهن پيلو پئجي ويو هوس ۽ ڏڪي پئي. وات مان ڪجهه اکر نه ٿي اڪليس. خالق ڏنو پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ جي جوش ۾ هنجي حالت جو ڪاٿو ڪري نه سگهيو. جولس ٻه هن جي سڄيل منهن ۽ ڳاڙهي اک ڏانهن ڌيان ڪونه ڇڪيو. هوءَ هن سان اکيون ملائڻ کان لهرائي رهي هئي.

هن چيو "ڇو ايترو جلدي اچي ويا؟ ڇڱو اندر اچو ته توهان کي ميوو کارايان. اڄ خيال اچي ويم، سو پاڙي واري ڇوڪر کان بزار مان گهرايو اٿم."

"بيهه، ته مان رڳو ناڙي ڇوڙ ڪري وٺان." خالق ڏني ورائيو.

"نه، نه.... ڀرين ميوو کائو!" هوءَ سچ ڏڪي رهي هئي ۽ هن کي اهو احساس به ڪونه هو ته ڪهڙي نه عجيب ۽ اڻ ٺهڪندڙ ڳالهه چئي رهي آهي.

"ٻه منٽ نه لڳندا، ٽڪر چاڄي آهي، جاني. تو کي هيئر گهڻو ڪجهه ٻڌائڻو اٿم." خالق ڏني چيو.

هو ڪاڪوس ڏي مڙيو ته جولس هڪدم ڪري ٻانهن ۾ هٿ وڌس.

"نه نه.... اڏانهن.... اڏانهن منهنجي.... منهنجي ساهيڙي ڪاڪوس ۾ آهي...." هن چيو. هنجي آواز، هنجي چپن ۽ هنجي سڄي سرير ۾ ٿڙڪڻي هئي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنجي عضوي عضوي تــي ٻگهر جي ماڪ ڦهجي وئي هئي. پر خالق ڏنو پنهنجي جوش ۾ ايترو ورتل هو، جو ڪجهه به محسوس ڪونه ٿي ڪيائين. البت ٿوري چڙ مان چيائين: ”نه پوءِ ائين چوين ڇو نه ٿي!“

هو اندر ڪمري ۾ وڃي ويٺو ۽ زال اهــو چئي ان ڪمري جو در بند ڪري ڇڏيو ته ”ساهيڙي پردي واري آهي، مان هن کي ٻاهر اماڻي اچان ٿي.“

هو بجليءَ جو پنکو هلائي پنهنجو پگهر سڪائڻ لڳو ۽ ساري گهڙي زال کي پڌائڻ لاءِ ان جــو خاڪو سوچيندو رهيو.

جڏهن زال ڪمري جو در اچي کوليو ته هن (زال) جي چهري جي دستوري چمڪ واپس وري آئــي هئي ۽ هن ۾ ان عورت جي اطمينان واري جهلڪ هئي، جنهن هيئر هيئر ڪاروڪاري تــي مارجي وڃڻ کان بچڻ ڪري سلامت جو ساهه کنيو هجي.

(۲۹- جنوري ۱۹۹۱)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اتفاق جو مامرو

ماستر مجيد اڄ پاڻ کي چست ۽ هلڪو محسوس ڪري رهيو هو. ڪلاس ۾ نه ٻارن کي ٿوري گهٽي تي ٺٺا ٺوڪي ٿي ڪيائين، ۽ نه جاگرافي پڙهائڻ وقت سنڌ جي اندر ۾ سمنڊ آهي، يا حساب سيکارڻ وقت پنج اٺن پنجاسي چوڻ جهڙيون غلطيون تي ڪيائين.

اها تبديلي شاگرد به محسوس ڪري رهيا هئا. هنن ڏٺو تہ ڏهن ٻارهن ڏينهن کان، جڏهن ئي رمضان جو مهينو شروع ٿيو هو تہ سندن هي استاد چيڙاڪ ٿي پيو هو. خسيس خسيس ڳالهہ تي بہ کين لپاٽون هڻندو هو، يا رول سان ماريندو هو. اکيون سڄيل ۽ ننڊاڪڙيون هونديون هئس ۽ منهن مان بيزاري پئي بکندي هئي. پر اڄ هو هنن کي اهڙو لڳو، جهڙو روزن جي مهيني شروع ٿيڻ کان اڳ هوندو هو.

ماستر مجيد جي عمر چاليهہ سال هئي. هو ڏاڍو محنتي ۽ هوشيار استاد هو. ڪتاب پڙهڻ هنجي مکيہ وندر هئي. هنجا ڪن ڏاڍا حساس هوندا هئا. ٿوري آواز يا شور جي موجودگيءَ ۾ بہ هو نہ ڪتاب پڙهي

وڌ ڳالهائيندو هو ته گرميءَ ۾ ته مارين پيا ليڪن پڙهڻ جو مزو ته خراب ڪن پيا ڪمرڪار ۾ رخنو ته وجهن.
هر بجليءَ جي خراب ٿيڻ جي اتفاق ڪري اڄ هُن بجليءَ وارن کي ڪو برو اکر ڪونه چيو. پاڻ دل ۾ چيائين: ”اڄوڪي رات هنن بجليءَ وارن ته ٻارڙن، ابهمن، بيمارن، پوڙهن، ڏينهن جي ٿڪاوٽ کان چور چور ٿيندڙ پورهيتن ۽ مون جهڙن حساس طبيعت وارن جي دعا ڪٺي آهي. هنن وڏو ثواب حاصل ڪيو آهي.“

هر ٻي رات جو وري ساڳي جٺ ٿيڻ تي هو سوچڻ تي مجبور ٿيو ته فقط بي عمل، بزدل ۽ ڇڙوڇڙ ماڻهوئي ”اتفاق“ جو سهارو وٺندو آهي، ۽ ”اتفاق“ تي خوش ٿيندو آهي.

(۲۰- سيپٽمبر ۱۹۷۴)
تحريڪ: جنوري ۱۹۷۵


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بچاءُ

سچل، ڳوٺ ۾ ٻن خصوصيتن ڪري سڃاتو ويندو هو. هڪ تہ هو "ملڪي بچاءَ لاءِ بچت وارا سرٽيفڪيٽ" باقاعدي خريد ڪندو هو. ڀلي تہ ڪيتري بہ ڪفايت ڪرڻي پوي، يا وت کان وڌيڪ پورهيو ڪرڻو پوي، پر هر ڇهين مهيني، هي سرٽيفڪيٽ خريد ڪرڻ خاطر، هو هڪ سؤ رپيا ضرور بچائيندو هو. ڳوٺ ۾ هيءُ هڪڙو ٻي شخص هو، جو اهي سرٽيفڪيٽ وٺندو هو. اهي ڳنهڻ لاءِ، هن کي ٻارنهن ميل پري، تعلقي جي مرڪزي شهر ۾ وڃڻو پوندو هو.

انهن سرٽيفڪيٽن جا فائدا، اخبارن جي اشتهارن ۾ پڙهيا هئائين تہ بچت جي بچت ٿئي ٿي، ماڻهو ملڪ جي بچاءَ ۾ مددگار ٿئي ٿو، ۽ ڏهن سالن ۾ سيڙايل رقم ٻيڻي ٿي ملي ٿي. هو ٻارنهن سالن کان اهي سرٽيفڪيٽ ڳنهندو ٿي آيو. انڪري ٻن سالن کان، هن کي هر ڇهين مهني بہ بہ سؤ رپيا ملندا ٿي آيا. سچل کي ڏسي، هاڻي ٻين کي بہ ريس آئي هئي. ٽي چار ٻيا ڳوٺاڻا بہ "ملڪي بچاءَ لاءِ بچت وارا سرٽيفڪيٽ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق هن ڳوٺ جي انهن هارين جو هو، جي بي زمين ۽ بي گهر هئا.... هندن جي ڇڏيل زمين، انهن هارين کي جي اها زمين ڪيڙيندا هئا، تن کي ڏني ويندي، پاهرين کي بخش ڪئي وئي، جيتوڻيڪ انهن ڪليمن جا ڪلم ڪوڙا هئا. هنن کي ڏسڻ ۽ هنن سان ڳالهائڻ سان پڌرو هو ته زمين، کيتي ۽ زمينداريءَ سان، هنن جو پري کان به واسطو نه رهيو هو.... ڳوٺ جا ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڊگرين وارا ڇوڪرا، نوڪرين لاءِ درخواستون ڪندا هئا، ۽ انٽرويو لاءِ ويندا هئا، پر نا اميد ٿي موٽندا هئا اهي نوڪريون پاهرين کي ملنديون هيون، جيتوڻيڪ اهي هنن سنڌي اميدوارن کان تعليم ۽ لياقت ۾ گهٽ هوندا هئا....

سچل پنهنجي دڪانڙي ۾، پنهنجي وسلڙن سان ڪم ڪري رهيو هو. هي دڪانڙو، سنڌس ڪچي گهر جي آڏو ننڍڙي ڪوٺڙي هئي. دروازي جو چوڪاٺو ٽي ناهيائين. ڪاراٺيءَ سان چار پٽيون چيريائين. واهولي سان انهن جا پاسا سڌا ڪيائين. رنديءَ سان رهڙي اهي پاسا لسا بڻايائين. گرمٽ سان ان ۾ سل ڪڍيائين. پوءِ رنبيءَ ۽ واهولي سان اهي سل وڏا ڪيائين. وري هرهڪ پٽيءَ کي رندو هڻي، هڪ اک بند ڪري، ٻي اک جي سامهون اها پٽي جهلي، ان جي هڪ ڪراٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سڌائي چڪاسيائين، ۽ ڪوئلا سان ڪنڊون ڪڇيائين.

محنت ڪرڻ ڪري، هنجو بدن ٻڳهرجي ويو هو. جڏهن ٿڪو ٿي ته ساهي پٽڻ خاطر، اتي گهڙا منجهه ئي رکيل کهڙي مان، جنهن ۾ پاڻي اوتي ٿي پيتائين. پوءِ ڪتر موڙي، وري ڪرت ۾ جنبي ٿي ويو.

هو چاليهن سالن جو ڪل سنهڙو ۽ ضعيفڙو انسان هو. مٿي تي اڇو ميرو پٽڪو، سادي ململ جو پهراڻ ۽ اجرڪ جي گوڏ. چهري تي ننڍي ڏاڙهي هئس. ڳالهائيندو هو ته مرڪندو هو. ڪم ڪندو هو ته ڪونه ڪو گيت جهونگاريندو رهندو هو.

دڪان ۾ ٻه جارا هئا. هڪ ۾ ڊکائڪا اوزار هئا ۽ ٻئي ۾ ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون. ساڄي ڪن ۾ پينسل اٽڪيل هوندي هئس. ان سان هو ڪاٺ ڪٽڻ لاءِ يا ٻڌائين ڪيڻ لاءِ نشان ڪيندو هو. ڪم ڪندي ذهن ۾ ڪو شعر يا ويچار ايرندو هوس ته انهيءَ پينسل سان پني تي محفوظ ڪري ڇڏيندو هو.

■ ■

ان ڏينهن، جڏهن ڪم ڪري، هو ٿڪجي چور چور ٿي پيو هو، تڏهن، پوليس اچي سچل جي دڪانڙي تي سهڙي. هوءَ هن کي گرفتار ڪرڻ آئي هئي.

سچل حيران ۽ ششدر ٿي ويو.

”کهڙي ڏوهه ۾ ٿو مونکي پڪڙيو وڃي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ملڪي بچاءَ جي قانون هيٺ.“
”ڇا؟“
”ملڪي بچاءَ جي قانون هيٺ!“
”وري ڇو؟“
”ملڪي بچاءَ جي قانون هيٺ.“
”مان ته ملڪي بچاءَ جا سرٽيفڪيٽ خريد ڪندو آهيان.“
”تون پنهنجي ليکن ۾ ماڻهن کي بغاوت تي ڀڙڪائيندو آهين. توکان ملڪ کي خطرو آهي.“
”مان ته ملڪي بچاءَ جا سرٽيفڪيٽ خريد ڪندو آهيان، ۽ اخبار ۾ ڇپجندڙ اشتهار موجب بچاءَ ۾ مددگار ٿيندو آهيان.“
”تون غدار آهين، ٻين ملڪن جو ايجنٽ آهين، اسلام جو دشمن آهين!“
هن کي هٿڪڙيون پهرايون ويون.

(١٧- جون ١٩٧٤)
تحريڪ: آگسٽ ١٩٧٤



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارادي جي مرڪ

تنهنجو وارو آيو ته ٽوڪي بيمارن واري اسٽول تي اچي وهڻ جو اشارو ڪيم. پر تـو چيو تـه مونکي جلدي ڪانهي، پهرين ٻين کي ڏسي وٺو. ٻين کان واندو ٿي، مون وري ٽوڪي اچڻ لاءِ چيو. ويجهو اچي تـو چيو ”سائين مونکي توهان سان خلاصو ڳالهائڻو آهي.“ هينئر مون ڏٺو ته تون جوان ۽ ٺاهوڪو، پر ٿڪل، سڪل پيلو پيلو ۽ ڪومائل هئين. تنهنجي ڳالهائڻ ۾ گهٻراهٽ ۽ لرزش هئي ۽ تون ڳالهائڻ وقت اکيون ملائڻ کـان لهرائي رهيو هئين. مان تنهنجي هلت مان پروڙي ويو هوس ته تنهنجو ڪهڙي قسم جـو مسئلو آهي. ٽوڪي چڪاس ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويس ۽ حال احوال ٻڌائڻ لاءِ چيم. تنهنجا چپ ڦڙڪي رهيا هئا ۽ آواز نه ٿي نڪتو ۽ تنهنجو منهن وڌيڪ هيڊو ٿيڻ لڳو. نيٺ تو شروعات ڪئي: ”سائين، پنهنجي ڪار منهائيءَ جو ڪهڙو ويهي داستان ٻڌايان. شرم جـي ڪري توهان تائين پهچڻ ۾ به ڏاڍي دير ڪئي اٿم. توهان ته ڊاڪٽر آهيو، توهان کان ڪجهه لڪائڻو هجي ها ته اڄ به توهان وٽ ڪونه

سکھندو آهي.... هاڻي توکي پاڻ کي ذهني طرح تيار ڪري عورت سان ناتو رکڻو پوندو ۽ لاڳيتو ناتو رکڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي، ڀوءِ منڊ ۾ ناڪامي ٿي ڇو نه ٿئي. اهي رڳو عادت مٽائڻ جو سوال ۽ لاڳيتو ارادي جي سات سان انهن ٿي سگهي ٿو. ذهني ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ سان توکي Tranquilizers ۽ طاقت جون دوائون لکي ٿو ڏيان. سگريٽ جي عادت وانگر ٻيون عادتون دوائن سان نه پر ارادي سان ڇڏي سگهجن ٿيون. تو وٽ ته عظيم ارادو موجود آهي. تون وطن دوست نوجوان آهين. وطن خاطر ماڻهو پنهنجي حياتيءَ جو ٻليدان ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيندو آهي. هي ته هڪ عادت تان هٿ کڻڻ جو سوال آهي. جڏهن تون اهو ارادو پختو ڪندين ته ڏسندين ته جو ڪم سماج ۽ قانون جو خوف نه ڪري سگهيو، سو ڌرتيءَ جي پيار ڪيترو نه سهنجائيءَ سان ڪري ڇڏيو....

ان وقت واري تنهنجي ٻچاڙڪي مرڪ مونکي اجا ياد آهي.

(۱۰ جنوري ۱۹۸۳)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀاڙي وارا

جنهن ڏينهن ڪورٽ، دادن کي پنج سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي، تنهن ڏينهن ڀاڙي جي ڪيترن رهاڪن، زبان سان اظهار ڪرڻ جي سگهه ته نه ساري هئي، البت اندر ئي اندر ۾ سامت جو ساهه ضرور کنيو هو؛ يا هڪ ٻئي جي اکين ۾ اطمينان جو ڀاڃو پهچايو هو. پر مهني ڏيڍ اندر ئي، هنن جي اها سامت ۽ هنن جو اهو اطمينان، سليٽ جي چاڪ جي اکرن وانگر ميسارجڻ لڳو هو. هاڻي ڀاڙي ۾ جيڪي واقعا ٿيڻ لڳا هئا، تن جي پٺيان ڏيک ۾ ڀاڙي وارا دادن جي هلت چلت جي، گنڀيرائيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لڳا هئا. هنن کي احساس ٿيڻ لڳو هو ته دادن ڪڏهن به ڀاڙي جي ڪنهن ڇوڪريءَ، ڪنهن نياڻي، ڪنهن عورت سان نه ڪڏهن ڇيڙ ڇاڙ ڪئي هئي ۽ نه بدتميزي ڪئي هئي. ڀال انهن جي هڪ نموني رکپالي ڪئي هئائين. هو هن ڀاڙي ۾ ننڍيو ٿي وڏو ٿيو هو. هن کي ٽي ڀيئر هيون، جي هڙئي هن کان ننڍيون هيون.

ڀاڙي وارن کي ياد آيو ته ڪيئي سال اڳ، دادن

پاڙي ۾ چڱي سلامتي ٿي رهي. پاڙي جي توڙي ٻاهرين لچن لوفرن کي هن پاڙي ۾ لوفرپائي ڪرڻ جي همت نه ٿيندي هئي. چوري چڪاريءَ کي ڪجهه حد تائين ٻنجو هو.

پاڙي وارا اهو به محسوس ڪن ٿا ته هاڻي پاڙي ۾ پهرين سان لوفرپائين جون وارداتون ته ٿين ٿيون، پر دادن جي پيرن جو ٿالهو وٺڻ جي هينئر به ڪنهن کي همت نه آهي. هو اهو به محسوس ڪن ٿا ته ان جو ڪارڻ دادن جي ويڙهل ڏهڪاءَ سان گڏ، هن جي پيرن ۾ پيدا ٿيل نئين خود اعتمادي به آهي. شهري شودا، جي هن کي ڳوٺاڻي خاندان، غريب گهر ۽ ڪاسبي پيءُ جون ڌيئر ڏسي، مستيون ۽ دام ۾ ڦاسائڻ سولو سمجهن ٿا، تن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ واسطي، هو پوري طرح تيار ڏسجن ٿيون.

پاڙي وارا، دادن جي ان جواب تي به سوچين ٿا، جو هن ڪورٽ ۾ جج کي ڏنو هو. جڏهن جج هن کان پڇيو:

”توکي پنهنجي مخالف ڪان شڪايت جو بنياد ڪٿي حقيقي ميجي، تڏهن به تو هن تي حملو ڪري، قانون پنهنجي هٿ ۾ ڇو ڪنيو؟“

تڏهن، دادن ڏاڍي بي ڊپائيءَ سان ورائيو:

”جج سائين، جي سان قانون پنهنجي هٿن ۾ نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿندو رهان ها، تہ نہ منهنجيون ڀينر پڙهي سگهن ها ۽ نہ هو نوڪري ڪري سگهن ها!"

(٢٠- مئي ١٩٨٣)
آرسي: ٣-١٩٨٤



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٽو قدم

ٺا ٺا ٺا.... ٺڪ ٺڪ ٺڪ.... ٺي ٺي ٺي...

”او ادا، او ڀائو، منهنجو ٻار ڏاڍو بيمار آهي. اها ٺڪ ٺڪ ته بند ڪريو!“

اڌ مني ڪلاڪ ڪانپوءِ ساڳيو ڇهرو وري دريءَ وٽ اچي ٿو:

”خدا جي واسطي ٺڪ ٺڪ بند ڪريو، منهنجي ٻار کي الاهي تڪليف آهي!“

وري ٻئي اڌ مني ڪلاڪ گذرڻ تي ساڳيو آواز:

”اڙي خدا جي مار پئيوَ، ڪو شرم حياءُ به ڪريو، ڏو پئيو، ٻاڙي جو خيال به ڪريو، ٿو ٿڪيو، معصوم تي رحم به ڪريو، ڏو اچيوَ، ڪلاڪن کان پئي ٺي منٿون ڪريان....“

موٽرن جا ٺاٺارا (Dinter) هر پيري مائيءَ ڏي ڏاڍي بدتميزيءَ سان نهارين ٿا، ڏند ٽيڙي مرڪن ٿا، ٻه چار منٽ ماٺ ڪن ٿا، ۽ وري ٺڪ ٺڪ جا ڌماڪا شروع ڪري ڏين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڊاڪٽر صاحب چيو آهي ته ضروري فون آيو آهي، ٻه منٽ آواز بند ڪريو ته ڳالهائي وٺان." ڪمپائونڊر ٺاٺارن کي اچي چوي ٿو.

انهيءَ گوڙ ۾ ڊاڪٽر، بيمارن جو ڳالهائڻ سمجهي نه ٿو سگهي. بيمارڪان ساڳي ڳالهه ٽي ٽي چار چار ڀيرا ورائي ٿو ۽ ڪيس جيڪي بيمار کي ٻڌائڻو آهي، سو چار چار پنج پنج ڀيرا ورجائڻ ڪانپوءِ بيمار جي سمجهه ۾ اچي ٿو.

"منهنجو مئٽرڪ جو امتحان آهي. سڀاڻي پيپر ڏيڻو اٿم. هاڻي ته ڪم بند ڪريو ته مان ڪجهه پڙهي وٺان." هڪڙو شاگرد، ٺاٺارن کي اچي چوي ٿو. رات جا ڏهه وڳا آهن.

هو شرارتي نظرن سان سڀئون ڏيندي چون ٿا: "حاضر سائين، توهانجو حڪم اکين تي."

ڪجهه منٽن واسطي ٺاٺا جو گوڙ هلڪو ٿي وڃي ٿو، پر پوءِ وري ساڳيو زور. رات جي سناٽي ۾ اهو آواز وڌيڪ تيز ۽ وڌيڪ چڀندڙ محسوس ٿئي ٿو.

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ شاگرد پنهنجي پيءُ سان اچي ٿو. "هاڻي ته مهرباني ڪريو. منهنجي پٽ جو سال ضايع ٿي ويندو."

ٺاٺارن مان هڪڙو ڏاڍي ڍٺائيءَ سان چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تنهنجي پٽ جي هڪ سال جو سوال آهي ته اسان جي ٻه پيٽ جو سوال آهي. صبح جو سوير اسانکي هي ڪم پورو ڪري ڏيڻو آهي.“

”هاڻي ته رحم ڪريو، هاڻي ته معاف ڪريو، اڌ رات ٿي وئي آهي!“ رات ٻارهين وڳي، ٺا ٺارن جي دڪان مٿان رهندڙ، سلهه ۽ سهڪي جو مريض، ڪڙڪيءَ مان پنهنجيون سڪل ٻانهون ڪڍي، ضعيف هٿ جوڙي، سهڪندڙ آواز ۾ ٻيزاري ڪري ٿو.

پر ٺا ٺا جا آواز وڌيڪ بلند ٿي وڃن ٿا.

”ٻاڙي جي ڪٻالهه آهي. اسان توهانکي ڏنڊو ڪرڻ کان ڪونه ٿا روڪيون، پر گهٽ ۾ گهٽ رات جو ته ڪم بند رکو، جئن ٻاڙي وارن جي آرام ۾ خلل نه پوي. اٺين بجي جئن ٻيا دڪان بند ٿين ٿا، توهان به پيو نه ته آواز پيدا ڪرڻ وارو ڪم بند ڪندا ڪريو.“ ٻاڙي جا چار پنج چڱا مڙس، ميڙ وٺي ٺا ٺارن وٽ آيا آهن.

”حاضر صاحب، حاضر صاحب. اڳتي اٺين ٿي ٿيندو.“

سچ پچ اٺين ٿئي ٿو. پر فقط ٻه راتيون. وري ساڳيا هٿ، ساڳيا هٿوڙا. ٺا ٺارا، پراڻين ۽ حادثن ۾ ڀڳل ٽٽل موٽرن جي لوهن جون ڏنگايون، ڦڏايون، چِب، چگهه،



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

موڙ، ٽوٽ، ڦوٽ ۽ الٽرابرٻون درست ڪري، ٽين کي سڌو، صاف ۽ لسو بنائيندا آهن. گهڻو ٽڻو وڏو ٺاٺارو، نائب ٺاٺارو ۽ شاگرد هڪ ئي وقت ڪم ڪندا آهن. ڪو ٻانيٽ ڪي، ڪو مدگارڊ ڪي، ڪو درن کي ٺپو ٺوڪيندو آهي ۽ سيني جي ٺاٺا جو گڏيل گوڙ، ڪنن کي ٻوڙو ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿي اڀرندو آهي.

”ڪائونسلر جي قيمت گهٽي؟.... ٻه سؤ رپيا....“ ٺاٺارن کي چوندي ٻڌجي ٿو. اهو ان ڪانپوءِ، جڏهن پاڙي وارا، هن آزار جي باري ۾، پنهنجي پاڙي واري ميونسپل ڪائونسلر سان وڃي مِليا هئا.

”شاپ انسپيڪٽر ته ڪائونسلر کان به سستو آهي. هن کي ته اسان اول ئي منٿلي ڏيندا آهيون.“ ٺاٺارا چون ٿا.

پاڙي وارا ميونسپل جي شاپ انسپيڪٽر سان مليا هئا ۽ دانهن ڏني هئائون، ۽ وفد جي صورت ۾ هن تي زور رکيو هئائون ته ٺاٺارن کي شاپ ائڪٽ تي سختيءَ سان عمل ڪرائي وڃي، جئين هو شام جو اٺين بجي ڪاروبار بند ڪن ۽ رات جو پاڙي جي رهاڪن جو سُک نه ڦٽائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سپرنٽينڊنٽ پوليس صاحب،

عرض آهي تہ اسانجي پاڙي کي ٺاٺارن جي آزار کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. هي نہ رڳو ڏينهن جو پر رات جو بہ ڪوڙ ڪهسان لڳايو ويٺا آهن. انڪري ساري پاڙي جو سک ڦٽل آهي ۽ خاص ڪري ٻارڙن، بيمارن ۽ شاگردن لاءِ تہ وڏو ڏچو آهي. هي مکيہ رستو نہ آهي پر گهٽي آهي. چوڌاري ڪٽنبن وارا گهر آهن. هو رستي تي الاهي ڪباڙيون بيهاري ڇڏين ٿا، جنهنڪري رستي روڪ ٿئي ٿي. اسانجون نياڻيون سهاڻيون لنگهي ساهُ نہ ٿيون ڪن، جو هنن وٽ ڊرائيور، مستري ۽ ٻيا لوفر ماڻهو ويٺا رهن ٿا ۽ انهن سان ڇيڙ ڇاڙ ۽ اشاري بازي ڪن ٿا. رات جو گئريجن ۾ شراب جون محفلون مچائن ٿا ۽ اڪثر نشي ۾ مدهوش ٿي، هل هنگامون برپا ڪن ٿا. ٺاٺارن جي هٽ سان گڏ، مڪينڪ جو گئريج ۽ ڪشن ميڪر جو دڪان بہ آهي. اهي سڀ هم پيشي ۽ هڪ ٻئي سان ٻڌت آهن. وينتي آهي تہ انهن سڀني کي هتان هٽائي پاڙي جي دعا کٽي وڃي. هونءَ بہ اهڙي قسم جا دڪان شهر کان پري يا گهٽ ۾ گهٽ گهرن واري علائقي کان پري ۽ هٽيل هجن."

هن درخواست تي پنجاهہ پاڙي وارن جون صحيحون آهن. پاڙي وارا وفد جي صورت ۾ درخواست روبرو ڏين ٿا. ايس.پي صاحب هنن کي همدرديءَ سان ٻڌي ٿو ۽ ڪو تدارڪ ڪرڻ جي خاطري ڏئي ٿو.

اسين مفت ڪندا آهيون، سي اسانجي خلاف ڪيئن ويندا. وڏيرن ۽ سيٺين جا اسين نيازمند آهيون، سي ٿوري حالت ۾ ڪيئن اسانکي پنهنجي سفارش ۽ سهڪار کان وانجهو رکندا."

ڪجھ ڏينهن ۽ ڪجھ راتيون ائين ئي گذري ويون. هڪ رات جو ٽين بجي ڌاري، ٺاٺا... ٺڪ ٺڪ...ٺي ٺي جا ڌماڪا مون کي ڇيرڀندا ننڊ ۾ اکيون ملهڻ جي ڪنن تائين پهچن ٿا. ننڊ ڦٽي ٿي، ٺاٺارن جو دستوري ڪارنامو سمجهي هو ٻڙ ٻڙ ڪندا ۽ ٺاٺارن کي ڪهڙ وڏ ڳالهائيندا، وري سمهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هيءَ سياري جي هڪ سرد رات آهي. ٻيا ته ڪونه ٿا نڪرن، پر ٺاٺارن جو ماڻهو جيڪو دڪان اندر ستل آهي، سو ننڊ جي گهيرٽن ۾ ٻاهر نڪري ٿو. دڪان ٻاهران ٻه موٽرون مرمت واسطي بيٺل هيون: هڪڙي ٻن لکن واري صفا نئين ماڊل جي ڪرولا ۽ ٻي هڪ لک واري ڪجهه پراڻي مزدا. اڳيئي لڳل ڌڪ ته معمولي ۽ ٿورا هئا، پر هينئر ٻنهي جا سڀ شيشا ڇيهون ڇيهون ٿيل آهن ۽ ٻنهي کي اهڙا هنداڻتا ڌڪ لڳل آهن جو شڪل ئي ڦري وئي اٿن. ان ڪانسواءِ ڪرولا موٽر کي باهه لڳائي وئي هئي جا هاڻي مچي ڀڀڙ جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. جڏهن باهه جي ڪري آسمان تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪڙيل ڇوڪرن کي ترت ڏي هنن جا مائٽ ڇانهه،
ٻاٽيءَ جي بدلي ڇڏائي اچن ٿا.... ان ڪان اڳ ٿاڻارا،
ڪشن وارا ۽ مستري دڪان خالي ڪري چڪا آهن.

(٩ سيپٽمبر ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نه ڪا جهل نه پل

ڊاڪٽر، چڪاس ڪوٺيءَ ۾ گهڙيو ته رابيل کي ويٺل ڏٺائين. رابيل، مومل جي انهن ٻن ٽن ساهيڙين مان هئي جي هن جون رازدار هيون. هي ساهيڙيون، ڊاڪٽر ڏي مومل جا نياپا آڻينديون هيون، خط پهچائينديون هيون، خطن جا جواب وٺي وينديون هيون، مومل جي خواهش تي ڊاڪٽر جي خيريت چاڻ ايندڀون هيون، هن کي ڊاڪٽر مان ملڻ واري جڳهه تي پهچائينديون هيون، يا بهانا بڻائي هنجي ماءُ کان موڪل وٺي گهر مان ڪيڍنديون هيون ۽ ٻنهي پريمين کي ملاقات جو موقعو ميسر ڪنديون هيون، ۽ هنجي گهر يا اسڪول مان غير حاضريءَ جو ڍڪ ڍڪينديون هيون. انڪريئي انهن ڇوڪرين کي ڏسي، ڊاڪٽر ٽڙي پوندو هو، ايتري قدر جو هن جي دل ٽڙڪڻ لڳندي هئي. رابيل گهڻ خوبصورت ڪانه هئي. بدن بيحد ڏهوڪو، چڻ ڪنهن بت تراش، سونهن جو آدرشي بت تراشيو هجي. جسم جون گولايون ڏاڍيون چٽيون: ٻٽيان ڀولهه، جون ٻــ گولايون، اکيان ارهن جون ٻه گولايون، سنهڙي چيلهه

ڪري اٿي ٻاهر ڪان گولا ڏيون. گولا ڏيون، تنگ ڏيڍي
لباس ڪري اڇا ۽ وڏيڪ چٽيون ۽ چيندڙ. منهن تي
ڪٽن جون گولا ڏيون. هوءَ ميٽولڙي هئي. هن جا مٿون
پريل ۽ آپريل هئا. مٿن جي اها اپار هنجي شرمائڻ
وقت ڪاڙهي ٿي ويندي هئي ۽ هن جي سونهري رنگ
ني سهاڳي جو ڪم ڪندي هئي ۽ هوءَ شرمائيندي به
هر هر هئي. ڊاڪٽر وٽ اڪيلي هوءَ پهي آئي هئي،
ڪڏهن ٻين ساهيڙين سان ۽ ڪڏهن اڪيلي، مومل جو
ڪو نياڻو ٻا چٽي ڪئي. مومل ٻا سندس ساهيڙيون جڏهن
به اسپتال ۾ ايندڙيون هيون ته عورتن واري ڪوٺڙيءَ
۾ وهن ٻدران سڌو چڪاس ڪوٺڙيءَ ۾ اچي وهنديون هيون.
ڊاڪٽر کي هميشه به خوشيءَ ٿيري اميد جاڳي ۽ دل
ڌڙڪي ته مومل وٽان ڪو ٿينهن جو نياڻو آيو هوندو.
آخيان ۽ ڪيڪار ڪانپوءِ هن کان پڇيائين "مومل ڪٿي
آهي؟"

"توهانکي مومل ڪانسواءِ دنيا ۾ ٻيو ٻـ ڪجهه
نظر اچي ٿو!" هن مرڪندي ۽ شرمائيندي ورائيو.
هي ڇوڪريون اهڙي قسم جا پوڪ ڊاڪٽر سان
ڪنديون رهنديون هيون. هن کي اهي پوڪ وڻندا هئا
۽ الهن کي مومل سان پنهنجي محبت جي تصديق سمجهي،
هو فخر محسوس ڪندو هو.
"هوءَ چيز ئي اهڙي آهي." خوش ٿيندي هن چيو.
"پر اڄ سان مومل طرفان نه آئي آهيان." رابيل

مرڪڻ ۽ شرمائڻ جاري رکندي چيو.

ڊاڪٽر کي ٿوري نا اميدي ٿي.

”ڇا تنهنجو ڪو ڪم آهي؟ ڪا بيماري ٻيماريءَ جي ڳالهه آهي؟“ هنجي هن سوال ۾ به هنجي دلچسپي قائم رهي. هو هنن ڇوڪرين جي ڪم اچڻ ۾ سرهائي محسوس ڪندو هو. ان کي هو عيوضو سمجهندو هو، هنن جو موسل جي ماهري ۾ هن جي مدد ڪرڻ جو.

”ڇا ڊاڪٽر ۾ رکيو بيماري سيماريءَ ۾ ڪم پوندو آهي؟ مونکي ڏسو، ڇا مان بيمار لڳان ٿي؟“

هن، هنجي نيڻن ڏي نهاريو. رابيل هڪ پل هن کي ڇتائي ڏٺو ۽ اکيون جهڪائي ڇڏيائين. ڇا هوءَ ڪا شرارت ڪري رهي آهي، مونکي ڇيڙي رهي آهي. هو هنن جي هلت چلت ۽ گفتگو ٻڌي اول ٿي ويچاريندو هو ته هي شهري ڇوڪريون مشترڪ جي عمر ۾ هوندي به ڪيتريون نه چالاڪ آهن. هن هينئر غور سان ڏٺو ته رابيل سدائين واري حالت ۾ نه هئي. هوءَ گهٻرايل ۽ منجهيل هئي، هنجي جسم ۾ ان لکي ڏڪڻي هئي ۽ هنجون نظرون هڪ هنڌ ٽڪي نه ٿي سگهيون.

ڊاڪٽر پاڻ به منجهي پيو.

”ڪجهه ٻڌاءِ ته خبر پوي؟“ هن وري پڇيو.

”ڇا هر ڳالهه اکرن ۾ ٻڌائڻ ضروري هوندي آهي؟“ رابيل جي آواز ۾ سچ پچ ڪنبڻي هئي.

ڊاڪٽر وري هن کي گهوري ڏٺو. رابيل به هنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين سان پنهنجيون اکيون ملايون ۽ اهڙو لاڳيتيون ملايون جو هن ڀيري خود ڊاڪٽر کي پنهنجيون نگاهون ڦيرائڻيون پيون.

جڏهن ڊاڪٽر ڪوٺڙيءَ ۾ گهڙيو هو ته رابيل بينچ تان اٿي بيٺي هئي. ڊاڪٽر ويهي رهڻ لاءِ چيس. پر هوءَ نه ويٺي ۽ چيائين ته توهين به وهو ته پوءِ مان به ويهندس. ڊاڪٽر چيس ته تون ويهي رهه، مان بيٺو آهيان. تڏهن به هوءَ بيٺي رهي. ڊاڪٽر وري چيس ته، مان ماستر ٿوروئي آهيان جو منهنجي آڏو بيهي ٿي رهين. تون آرام سان ويهي رهه، منهنجو بيٺو رهڻ ٿي مناسب ٿو لڳي. پوءِ هوءَ ويهي رهي هئي.

هيٺر هوءَ اٿي بيٺي ۽ ڊاڪٽر سان لڳي هنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتائين. ڊاڪٽر محسوس ڪيو ته هنجي هٿ ۾ لرزش هئي، خوبصورت، نوجوان ۽ امنگن جي بجليءَ سان ڀريل ڇوڪريءَ جي ڇهاءَ هنجي ساري بدن ۾ بجليءَ جي وهڪري جو ٿرٿلو وهائي ڇڏيو. هڪ ڪن لاءِ خيال آيس ته، پرتي سري وڃان، پر ائين ڪري نه سگهيو، جئن بجليءَ سان ماڻهو چنبڙي پوندو آهي ۽ پاڻ ڇڏائي نه سگهندو آهي. ڪي پل ڄڻ زندگي بيهي رهي.

”سڀاڻي ٻارهين بجي پريڊم نگر ۾ اچجو!“ ٿٿل ۽ ڪنبندڙ لفظن ۾ رابيل چيو.

”ڇو؟“ مشڪل نڙيءَ کي ڊاڪٽر آلو ڪندي چيو.

"اني چو ايندا آهيو؟"

ان گهڙيءَ اسپتال ۾ ڪن ماڻهن جي گهوڙن جو آهٽ ٿيو ۽ ڪمپائونڊر جي کنگهار جو آواز آيو، جو خبرداري ڪرڻ لاءِ چتاءُ هو.

رابول هڪدم پنهنجي انگها اندران هڪ بند لفافو ڪڍي، ڊاڪٽر جي بشرٽ جي کيسي ۾ وڌو ۽ چيائين ته هن تي عمل ضرور ڪجو.

بيمارن کي چڪاسيندي ۽ نسخا لکندي، هنجي ذهن ۾ لهڪندڙ پاڻيءَ واري اٿل پٿل رهي. بيمار هڪ ٻئي پٺيان ايندا رهيا، جيستائين انهن ڪان وٺي سلي ۽ هو اها چٺي پڙهي ڏسي، تيستائين جٺن ساموندي ڇڄي اندر ترندي ترندي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ايندي آهي تئن خيال هنجي دماغ ۾ چرپر ڪندا رهيا. ان وقت جي هن کي ڪو غور سان جاچي ها ته ضرور محسوس ڪري ها ته ڊاڪٽر بدحواس يا غائب دماغ آهي. ٻين خيالن سان گڏ هنجي دماغ جي سطح تي اهو خيال به ابريو ته شايد چوڪرين مونکي ستائڻ ۽ چيڙڻ لاءِ ڪو اهڙون ناٽڪ رچيو آهي. اڳي به ڪي ٻه، ٽي ڀيرا هن سان عملي ٺوڳ ڪيا هئائون. جيتوڻيڪ مومل اهڙين حرڪتن ۾ هنن سان سات نه ڏيندي هئي ۽ جي خبر پوندي هئس ته هنن کي جهليندي هئي يا هن کي اڳواٽ اطلاع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان وقت هو ٻئي ڪنڊ جي اچي اتي پهچن. هوءَ ٻــ تـ
پنهنجي ساهيڙيءَ سان وساهه گهاتي ڪرڻ نه چاهيندي.

ٻئي ڏينهن پروفيسر ۾ پهچڻ تائين ٻـ هنجي دماغ ۾ سوچ جي ڪچهري پچندي رهي. اميد، انتظار، بي يقيني، وفائي، بي وفائي، خواهشن ۽ خوشين جي ڪچهري. اتي به سوچڻ لڳو ته وفائي ۽ بي وفائيءَ جا تصور به عجيب ۽ غير سياوڪ آهن. ان ۾ بــ جاگيرداري ذهنيت جو خانگي ملڪيت وارو اصول تمثيل آهي. مون جي به چار گهڙيون رابيل سان خوشيءَ ۾ گذاريون ته ان ۾ مومل کي ڪهڙو نقصان آهي؟ هن کي ناراض ڇو ٿيڻ کپي؟ هوءَ ته مونکي پيار ڪري ٿي ۽ هن کي منهنجي خوشيءَ ۾ خوش ٿيڻ کپي. انڪري هن لاءِ منهنجي پيار ۾ ته ڪمي ڪانه ايندي. پاڻ ان پيار جــو قدر وڌندو، جو هنجي پيار ۽ هــن سان نــاتي ڪري ڏني هڪڙو حسن منهنجي هنج ۾ ڪري رهيو آهي. پر مان اهي ڪالهيون ڇو پيو سوچيان؟ مومل کي هن ماسري جي خبر ثورولي پوندي... مان ته الائي ڇاجو ڇا پيو سوچيان. جي رابيل اڪيلي نه آئي ۽ پنهنجي سنگتيءَ سان اچي پهتي تـ پوءِ تـ منهنجي موجوده خواهشن ۽ تمنائن جـو بلب فيوز ٿي ويندو!

هوءَ گهڙي ته ڪوٺيءَ ۾ پو.ڏي. ڪولون جي هير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي هئس.

”سومل اچڻ سان پهرين پهرين توهان لاءِ چانهه ٺاهيندي آهي. مان چانهه ٺاهي ٿي اچان.“ هن چيو.

”نه نه، انهيءَ تڪليف جي ضرورت ڪانهي.“ ڊاڪٽر زور ڀريو.

”تڪليف ڪهڙي، اها ته مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي.“ رابيل چيو ۽ رڌڻي ڏانهن وڃڻ لڳي. هنجي ڳالهائڻ توڙي چرپر ۾ گهٻراهٽ ۽ ناپختگي هئي.

رڌڻي مان ڪٽلي، ڪوپن ۽ چمچن جو کڙڪو اچڻ لڳو. سومل جا اهي کڙڪا ته ڊاڪٽر کي سازن جو آواز محسوس ٿيندا هئا. پر اڄ هن کي ڪجهه محسوس نه ٿي رهيو هو. هن جي اندر ۾ وڏو طوفان متل هو.

چانهه جون سرڪيون ڀريندي ٻئي سانت ۾ هئا. شايد ڪو موضوع ڪونه ٿي سجهين، يا دل جي ڳالهه چپن تي آڻڻ جي همت نه ٿي ٿين. هيءَ ڇوڪري هونءَ ڪيڏي نه گوڙيلي ۽ چلولي هوندي آهي. ڏاڍيون مستيون ڪندي رهندي آهي. ڪالهه کان هن کي ڇا ٿي ويو آهي. ڪيتري نه گم سم ۽ گنڀير ٿي وئي آهي. ڊاڪٽر انهيءَ روش ڪري ڪيترين ئي غلط فهمين، خوش فهمين ۽ مونجهارن ۾ ونجي ويو هو.

ڪوپ خالي ٿيا ته هوءَ اهي کڻي واپس رڌڻي ۾ رکڻ وئي. موٽي آئي ته ڪرسيءَ تي وهڻ بدران، پلنگ تي ڊاڪٽر جي پير ۾ اچي ويٺي. اچا ٺائين ٻئي پنهنجين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٻراهٽن ۽ ڏڙڪڻين سان ماٺ هئا.

"نو ڇهه ٿي ته تنهنجو ڪو مون ۾ ڪم آهي.

هاڻي ٻڌاءِ ڀلا؟" ڊاڪٽر جي آواز ۾ ڪنبڻي هئي.

"ڪم ته مان ڪالهه اسپتال ۾ به ٻڌائي ٿي سگهيس اهو ڪم توهان جي وس ۾ آهي ۽ مونکي اها به پڪ آهي ته توهين اهو ڪم ڪندا بہ ضرور پر مان اڄ توهانکي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ توهانکي ٻهريون گهرو ڏسڻ کان وٺي مان پنهنجي اندر ۾ ڪي امنگ سانڍيندي ۽ پاليندي پئي اچان، ۽ انهن امنگن ٿي مونکي هتي اچڻ جي تڪليف ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو." ڏسجي پيو ته رابيل هيءَ تقرير اول ٿي سوچي آئي هئي، هينئر هن جو ڪنڌ هيٺ هو.

"پر ٻڌاءِ ته سهي ته ڪم ڪهڙو آهي؟"

"هينئر ٿي ٻڌائڻ ضروري آهي؟"

"ڪو حرج آهي ڇا؟"

"نہ، ڪو حرج تہ ڪونهي."

"پوءِ ٻڌاءِ ڪٿي، مونکي هرڪر ٿي پئي آهي."

"نہ ٻڌو، مونکي ڏينهن چڙهي ويا آهن...."

هوءَ ماٺ ٿي وئي. ڊاڪٽر بہ ماٺ ۾ رهيو. فقط ٻہ منٽ. پوءِ ڊاڪٽر، هنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو، ۽ هوءَ اسپرنگ وانگر اڇل کائي، هنجي هنج ۾ اچي پئي.

(۱۹ ڊسمبر ۱۹۸۳)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هٿ ڪشڪول نہ آهن

اديب ڪيترائي ڏينهن سوچيندو رهيو تہ هو ان باري ۾ ڪهاڻي لکندو. انڪري هن اهڙن شاگردن سان ملڻ ٿي چاهيو جن سان تشدد ٿيو هو. هن انهن کان ڪجھ سوال پڇڻ ٿي چاهيا، مثال طور: تشدد جي ڏمڪي ٻڌڻ وقت توهان ڇا محسوس ڪيو؟ توهان کي پنهنجي ڪئي تي پشيماني تہ ڪانہ ٿي؟ توهان کي پنهنجي مقصد يا ارادي ۾ لوڏو تہ محسوس ڪونہ ٿيو؟ توهان ہان ڪرڻ جو تہ نہ سوچيو؟ جڏهن توهان تي تشدد ٿي ڪيو ويو، تڏهن توهانجي اندر ۾ ڇا پئي وهيو واپريو؟ ان وقت توهانجا ڪهڙا احساس هئا؟ تشدد ڪندڙن ۽ تشدد ڪرائيندڙن لاء توهانجي دل ۽ دماغ ۾ ڪهڙا ويچار اڀريا؟ هاڻي توهان ڇا ٿا محسوس ڪيو؟ ان تشدد جو توهان تي ڪهڙو اثر ٿيو آهي؟

ان دوران، يهودين، لبنان ۾ فلسطينين تي حملو شروع ڪري ڏنو، ۽ اخبارن ۾ هڪ فلسطيني سرويچ جي آتم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻي (ڏان: ١٦ جولاءِ ١٩٨٣) ۽ بنديخانن ۾ چيچلاڻن جون وارداتون (جنگ: ١٤- جون ١٩٨٣) پڙهيائين. فلسطين جي تاريخ ۽ فلسطينين جي ڪاز سان اديب پاڻ کي ايترو ويجهو ۽ ڳنڍيل سمجهندو هو، جو جيڪي هنن سان ٿيندو هو يا هنن کي ڀوڳڻو پوندو هو، تنهن لاءِ هن کي محسوس ٿيندو هو ته سڀ ڪجهه هن سان به ٿي رهيو آهي يا هن سان ٿيڻ وارو آهي ۽ جيڪا جاڪوڙ هو ڪري رهيا آهن، سا هو به ڪري پيو يا هن کي ڪرڻي آهي. پوءِ اخبارن جي مٿين لکڻين جا ڪي ٽڪرا هنجي ڪهاڻيءَ جو حصو بڻجڻ لڳا....

پربت جهڙي يهودي ميجر جي فوجي بوٽن جي دٻاءَ هيٺ جيتامڙو شاگرد پوڙها ڪان ٿيءَ وانگر ترڙڦي رهيو آهي.

”بڌاءِ، توهانکي گهٽين ۾ مظاهرو ڪرڻ لاءِ ڪنهن پڙڪايو؟“ ميجر رڙيون ڪيون.

ابو حمزو جواب ڪونه ٿو ڏئي.

ميجر کي مرچ لڳي وڃن ٿا. هو پوري زور سان پنهنجي فوجي بوٽ سان، هنجي پيٽ تي ٺوڪر وهائي ٿو ڪڍي. ابو حمزي کان ڪيڪون نڪري ٿيون وڃن. ميجر هن کي پيو ٿڏو ڳچيءَ تي ٿو هڻي. هن جو ساهه چڙهي ٿو وڃي ۽ ساهه کڻڻ لاءِ ڦٿڪندي ڦٿڪندي هو بيهوش ٿي وڃي ٿو.

هنجي عمر سورنهن سال آهي. گدريل ڇڄي رات


پروفيسر]
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾، فلسطينين اڪيلي سر يهودين جو مقابلو پئي ڪيو، جيتوڻيڪ هو تعداد ۾ به تمام ٿورا هئا، هنن وٽ يهودين وانگر نه بحري فوج هئي ۽ نه هوائي، ۽ هو شهر اندر يهودين جي گهيري ۾ بند هئا، ايتري قدر جو يهودين شهر جو پاڻي ۽ بجلي به بند ڪري ڇڏي هئي.

■ ■

لبنان جي لڙائي ڇڙڻ شرط، فلسطيني شاگرد جنگ جي ميدان تي پهچڻ لاءِ هتان هليا ويا هئا. ٿورا هتي رهيا هئا. انهن جي هتي ڊيوٽي لڳائي وئي هئي. ابو حمزو ته هڪ اک کان نابينا ٿي چڪو هو. انڪري هن جي ڊيوٽي هتي لڳائي وئي هئي.

اديب پڻ انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو جتي ابو حمزو تعليم وٺي رهيو هو. بيروت واري لڙائيءَ دوران اديب، ابو حمزي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ ملندو رهندو هو.

ابو حمزو جڏهن پڙهندو هو ته هتي فلسطينين جي حق ۾ دعائون گهريون ٿيون وڃن، تڏهن هو مرڪي ڏيندو هو.

”دنيا جا ھڙئي عرب ملڪ گڏجي به ڇهن ڏينهن کان وڌيڪ يهودين جو مقابلو نه ڪري سگهيا آهن، پر هينئر اسين فلسطيني، انهن يهودين جو ٽن مهينن کان اڪيلي سر مقابلو ڪري رهيا آهيون ۽ اڃا نه مڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿئون.“ ابو حمزو چولدو هو.

لهه، لک يهودين جي نوي ڪروڙ عربن مٿان برتري جي ڪارڻ جي چند چاڻ ڪندي، هڪ ڀيري ابو حمزي چيو ته ان کي هڪ سٽ ۾ سمجهڻو هجي تہ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ ”سماجي ارتقا موجب يهودي سرمائيداري دور ۾ آهن ۽ عرب اڃا قبائلي ۽ جاگيرداري دور ۾.“

انجي چئائي ڪندي هن چيو: ”اسرائيل ۾ حڪومت جو سرشتو جمهوري آهي، پر عرب ملڪن ۾ بادشاهت آهي يا آمريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ. جمهوريت يهودين ۾ تنظيم ۽ تعليم پيدا ڪئي آهي. جمهوريت هنن ۾ قومي جاڳرتا ۽ سياسي شعور پيدا ڪيو آهي. يهودي هڪ انتهائي منظم قوم آهي ۽ جمهوري ادارن ۽ جمهوري قدرن مان سگهه حاصل ڪري ٿي. هنن جو هر ماڻهو حڪومت ۽ حڪومتي ڪاروبار ۾ پاڻ کي حصيدار سمجهي ٿو، ۽ انڪري هنن وٽ عوام جي قوت آهي. هنن جو هر ماڻهو شعوري طرح قومي جاڳوڙ ڪري ٿو. هنن کي رسمي تعليم نہ ٿي ڏني وڃي پر جديد دور جي سماجي ۽ سائنسي تقاضائن مطابق هنن جي ذهني اوسر ڪئي ٿي وڃي. هنن وٽ رضاڪار فوج آهي ۽ هر صحتمند ماڻهو فوجي سکيا وٺندو آهي ۽ ضرورت وقت پاڻمرادو جنگ جي ميدان تي پهچي ويندو آهي. هنن جا دانشور سماجي ۽ سائنسي شعور جاڳائڻ ۾ رڌل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهن ٿا. هنن جون عورتون سجاڳ، تعليميافته ۽ ترقي يافته آهن ۽ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪن ٿيون. جڏهن مرد جنگ ۾ محاذ تي مصروف هوندا آهن، تڏهن هي عورتون آفيسن، ڪارخانن ۽ ٻنين تي سارو ڪم سنڀالينديون آهن. يهودين وٽ جديد کان جديد جنگي هٿيار آهن ۽ هنن کي جديد کان جديد جنگي سکيا ملي ٿي. وڏي ڳالهه ته هنن کي آمريڪا جهڙي سپرپاور جي سنئين سڌي پٺڀرائي آهي. يهودين جي مقابلي ۾، عرب عوام کي جهالت ۽ غلاميءَ ۾ رکيو ويو آهي. هنن کي سياسي، سماجي ۽ سائنسي طور پوئتي ۽ پراڻ پسند رکيو ويو آهي. مجموعي طرح عرب ملڪن ۾ انتهائي جهالت، عياشيپڻو ۽ جهنگليپڻو آهي. ڏسجي ٿو ته هن وقت عرب جي اهائي حالت آهي، جا اسلام اچڻ کان اڳ هئي. انهيءَ غار مان ڪڍڻ لاءِ هنن کي هاڻي ”نئي اسلام“ جي ضرورت آهي. يهوديت هاڻي مذهب نه رهيو آهي پر يهوديت هڪ ذهنيت جو روپ اختيار ڪيو آهي، ۽ ان ذهنيت کي سامراجيت سڏجي ٿو. انڪري ئي دنيا جو وڏي ۾ وڏو سامراج آمريڪا، يهودين جو مک مددگار آهي. هاڻي هنن جو مقابلو عرب اهڙي نظام سان ڪري سگهن ٿا، جو جاگيرداري، سرمائيدار ۽ سامراجي نظام کان سماجي ارتقا ۾ اڳڀرو آهي، جنهن ۾ عوام شعوري ۽ حقيقي طرح پاڻ کي پنهنجي مقصد، پنهنجي ملڪ، پنهنجي قوم، پنهنجي

باشعور ۽ سجاڳ آهي. ان جي هر تحريڪ عوامي تحريڪ آهي. ٻين عرب ملڪن جي ليڊرشپ يا موروثي آهي يا فوجي. فقط فلسطينين جي ليڊرشپ ئي عوام مان ابري آهي. فلسطينين جي ڪاميابيءَ جو هڪڙو وڏو ڪارڻ اهو به آهي ته هو هڪ مقصد لاءِ وڙهي رهيا آهن، پنهنجي حقن لاءِ وڙهي رهيا آهن، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهي رهيا آهن، ظلم جو مقابلو ڪرڻ لاءِ وڙهي رهيا آهن. هو ظالم جو ظلم سانت ۾ سهڻ لاءِ تيار نه آهن."

ابو حمزي پنهنجي ڳالهه جاري رکندي، زور ڏيندي چيو "يهودين جو ظلم اسين ماٺ ۾ سهڻ وارا نه آهيون. اسين هنن جو مقابلو ڪندا رهندا آهيون. اسانکي اوچي تعليم سان گڏ فوجي سکيا به ڏني ويندي آهي. يهودي تشدد ڪري رهيا آهن. اسانکي خبر آهي ته، تشدد، تشددکي جنم ڏيندو آهي ۽ تشدد جو خاتمو تشدد سان ئي آڻي سگهبو آهي. اسين ماٺ ۾ سهڻ وارا نه آهيون."

ابو حمزي جي اها گفتگو ٻڌي اديب کي گيتا ۾ آيل هڪ چوٽي ياد اچي وئي ته "ظلم سهڻ پاپ آهي."

هن جنگ هلندي، هتي جا ڪي شخص پنهنجي همدردي ۽ سهائتا جي آڇ ڪرڻ لاءِ، فلسطيني شاگردن وٽ ايندا رهندا هئا. ڪي اديب جي موجودگيءَ ۾ آيا:

هڪ سياسي ليڊر، اخبار ۾ اسرائيل خلاف ۽ فلسطينين جي حق ۾ پنهنجو ڇپيل بيان ڏيکاري هنن کي پنهنجي همدردي جتائڻ لڳو. فلسطيني شاگردن، هنجو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مسجدن ۾، توهان فلسطيني ڀائرن جي فتح واسطي هر نماز پٺيان دعائون گهرڻ جو بندوبست ڪيو آهي.“

فلسطيني شاگرد اصلي متاثر ڪوڙ ٿيا ۽ مولانا سان اکين ۾ اکيون ملائي چيائون ”جنگ لوهه، رت ۽ جرئت جو معاملو آهي. خالي هٿن جي دعائن سان ان کي منهن ڏئي نه ٿو سگهجي. اهي هٿ دشمن خلاف ڪجهه ڪين. هٿن کي دعائون پڙهڻ جو خالي ڪشتو بنائڻ بدران هٿ هٿيار پڪڙين ۽ بندوقن جون گهوڙيون دٻائن.“

هڪڙي سياسي پارٽيءَ جو وفد آيو. ان جي اڳواڻ چيو ”اسين پڪا ۽ امن پسند شهري آهيون، انڪري مظاهرا ڪري نه ٿا سگهون، پر ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ توهانجي حق ۾ ٺهراءَ پاس ڪرايا اٿئون.“ فلسطينين وراڻيو، ”گڏيل قومن ۾ گڏيل عرب جماعتن جي ٺهرائن جو به پاڻيءَ جيترو اثر ڪونهي.“

شاگردن جو ٽولو آيو. انهن ۾ اديب پڻ شامل هو. هنن جي هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون. هنن چيو ”اسين لبنان ۾ محاذ تي هلڻ ڪاڻ تيار آهيون. توهانجي پيڙا، اسانجي پيڙا آهي.“

فلسطينين اٿي، هن ٽولي جي هڪ هڪ ڄڻي کي ڀاڪر پاتو.

(٢- آگسٽ ١٩٨٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گورڪيءَ جو ناول

اَڄ موڪل جو ڏينهن آهي. ڪڪيون ٻه گهر ۾ آهن ۽ مان ٻه گهر ۾ آهيان. سخت سردي پئجي رهي آهي. ٻاهر بدن کي ڪلفي بڻائيندڙ ٿڌي هوا لڳي رهي آهي. نڪرڻ تي دل نه ٿي چوي ۽ نه ٻاهر وڃڻ جي ڪا ضرورت آهي. سوڙ جو مزو وٺڻ لاءِ مناسب موسم ۽ پورو پورو موقعو آهي. هيٽر به جلي رهيو آهي. هٿن ۾ دستانا پيل آهن ۽ مٿي تي مفلر ويڙهيل آهي. مان سوڙ مــان منهن ڪڍي، هٿ ۾ ڪتاب جهلي، پڙهي رهيو آهيان: چيني ناول ”جوانيءَ جو نغمو“ Song of youth جسماني طرح ٿوري ذهني طرح ڏاڍي فرحت پيو محسوس ڪريان. پر واري ڪمري ۾ ڪڪيون ٻه مات آهن، پر وقتي وقتي هنن جي ڳالهائڻ جو آواز اچي ٿو. ڪجهه دير ڪانپوءِ مان ٿڪ ڀڃڻ ۽ عضوا ساهڻ لاءِ هنڌ تان اٿان ٿو ۽ وچون در لنگهي، ڪڪين جي ڪمري ۾ وڃان ٿو. هو ٻه سوڙين ۾ ويڙهيون سيڙهيون پڙهي رهيون آهن. مان ڏسان ٿو ته رات وانگر هينئر پڻ هو اڙدو ڊائجيسٽون پڙهي رهيون آهن. مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان ته سنڌيءَ ڪانسواءِ گهڻو ڪري انگريزي ڪتاب پڙهندا رهندا آهيو.“ ڪونج چوي ٿي.

”پلا توهانجون اڙدو ساهيڙيون ڪڏهن سنڌي ناول ۽ سنڌي رسالا پڙهنديون آهن؟“

”هنن کي سنڌي اچي ئي ڪانه.“ ڪونج ورائي ٿي.

”سان رات ڪان وٺي پيو ڏسان ته توهان سارو وقت اهي اڙدو ڊائجيسٽون پيون پڙهو. توهانجو امتحان ويجهو آهي. توهان جي انهن ۾ ايڏي دلچسپي آهي ۽ اهي رسالا ڪٿي جا ته آهن، ته پوءِ توهانجي ڪورس جي ڪتابن جي پڙهائي گهٽ ٿيندي ۽ امتحان جي نتيجي تي اثر پوندو.“

”بابا، اڄ ته موڪل جو ڏينهن آهي.“ غزاله چوي ٿي.

”بابا، اسانکي اسڪول ۾ هر ڪم اڙدوءَ ۾ ٿا پڙهائن، سائنس به. پوءِ ته ڊاڪٽري پڙهڻ ۾ اسانکي ڏکيائي ٿيندي. اها شڪايت منهنجي اڙدو ساهيڙي رخسانا جي ماءُ، جن جي مادري زبان اڙدو ئي آهي، پڻ ڪئي ته گهٽ ۾ گهٽ سائنس انگريزيءَ ۾ پڙهائي وڃي.“ ڪونج چوي ٿي.

”دولتمند ماڻهو، خاص ڪري شهرن جا، پنهنجن ٻارن کي منڍ کان ئي اهڙن اسڪولن ۾ پڙهائن ٿا، جتي تعليم جو ذريعو انگريزي آهي پا ته، هو پنهنجن ٻارن کي مرڪوئي ولايت ۾ پڙهڻ لاءِ موڪلين ٿا.“

”بابا، هي گورڪيءَ جو ناول جڪو توهان هينئر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو آهي، انهو ڇاجي باري ۾ آهي؟" غزالہ پڇي ٿي.
"هڪ پورهيت ماءُ آهي، جنهن سڄي عمر ٻين پورهيتن وانگر ڏک ڏٺا ۽ ظلم سٺا آهن. هن جو پٽ پڻ پورهيت آهي. پر هو ظالمن جو مقابلو ۽ ظلم خلاف بغاوت ڪري ٿو. ماءُ پڻ پٽ جي پيروي ڪري ٿي ۽ انقلابي واٽ ۾ هن جي ٻانهن ٻيلي ٿئي ٿي. جنهن نموني هو ٻين پورهيتن ۽ ملڪ جي ٻئي عوام سان گڏجي، سماج ۾ ڦيرو آڻڻ جي جاکوڙ ڪن ٿا، سو ڏاڍي دلچسپ طريقي سان ناول ۾ ڏنو ويو آهي. توهان کي هي ڪتاب پڙهڻ ۾ انڪري به مزو ايندو جو ان ۾ جيڪو ماحول ۽ ملڪي ۽ سماجي حالتون بيان ڪيون ويون آهن، اهڙيون هتي به نظر اينديون، توهان کي رستن تي، جهوپڙين ۾، ڪارخانن ۾، ٻنين ۽ اسپتالن ۾ اهڙا ماڻهو هتي بہ ڏسبا. هي ناول توهانکي اردو افسانن جي ڊرائنگ رومن، بنگلن، موٽرن، شادي پارٽين، سالگرهہ پارٽين، تفريح گاهن، مينا بزارين، بوري بزارين ۽ ريشمي گلين کان ٻاهر وٺي ويندو."

* *

ڪڪين کي اهڙا اردو ڊائجيسٽ، رسالا ۽ ڪتاب پڙهندي ڏسي، دل پوسرندي اٿم. اهڙي ريت هن جون اهڙيون اردو فلمون ڏسڻ جي ڳالهہ بہ نہ وڻندي اٿم. اردو ڪهاڻيون گهڻو ڪري رومانوي هونديون آهن: حقيقت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پري، انسان کان دور ۽ ڌرتيءَ کان ٽٽل. سان
ته اهو به خيال ڪندو آهيان ته اردو ادب ۽ فلمن جون
ڪهاڻيون، اسانجي ڇوڪرين ۾ شاديءَ جي باري ۾
غلط تصور پيدا ڪنديون هونديون. هو پاڻ کي انهن
ناولن ۽ فلمن جي هيروئن جي روپ ۾ ڏسڻ لڳنديون
هونديون. اهڙي هيروئن جنهن جو حقيقي سماجي حالتن
سان واسطو ڪونه هوندو آهي. پوءِ پنهنجا اهي خواب
پورا ٿيندا نه ڏسي، هو پنهنجي سڄي عملي ڄمار هرويرو
به محروميءَ جي احساس جون شڪار ٿينديون هونديون.
اهي خواب پيدا ڪيل به انهن رسالن ۽ فلمن جا آهن،
۽ پنهنجي انهن خوابن جي ساڀيان به هنن کي انهن ڪتابن
جي صفحن ۽ سئنيما جي پردي تي ئي نظر اچي ٿي.
انڪري ئي ڇوڪرين ۽ عورتن ۾ اهي ڪتاب پڙهڻ
۽ اهي فلمون ڏسڻ جو جنون نظر ايندو آهي، ۽ حقيقي
حياتيءَ جي سماجي حالتن کان ڀاڄوڪڙائپ ۽ اڪ
ڦوٽ هنن جي جيون جو فلسفو بڻجي ويندو آهي....
سان ته ڇوڪرين کي چوندو آهيان ته آخر ايترا اردو
رسالا ڇو ٿيون پڙهو، جڏهن سڀني رسالن ۾ خاص ڪري
عورتن جي رسالن جي لڳ ڀڳ سڀني ڪهاڻين جو پلاٽ
گهڻو ڪري ساڳيو هوندو آهي. ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ
جو عشق ۽ هر مشڪل پار ڪري پڄاڙيءَ ۾ شادي،
خاندان ۾ سوٽن ۽ سوٽين (Cousins) جا محبت جا
قصا، ڊرائنگ روم جون ڪچهريون، عورتن جا فئشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙدو پروگرام ڇهه ڪلاڪ ڏين ٿا ۽ سنڌي پروگرام فقط اڌ ڪلاڪ سو ڇو، ۽ اهو ته اڙدو پروگرام رنگين ڏين ٿا ۽ سنڌي نه، سو ڇو؟ مان ٻــ هن کي ان جو سدائين وارو ساڳيو جواب ڏيان ٿو.

رات جو ٻارهين بجي اڙدو فلم شروع ٿئي ٿي. مان نه چاهيندي به ويٺو رهان ٿو، جو خبر اٿم ته ٽي-وي ۾ جي گوڙ ڪري نه پڙهي سگهندس ۽ نه ننڊ اچي سگهندي.

فلم شروع ٿي چڪي آهي. هڪڙي سهڻي ڇوڪري رستي تي بس جي انتظار ۾ بيٺي آهي.... ڪونج، غزال، کي ڇوي ٿي ته هاڻي ڏسجان هڪڙو شاهوڪار ڇوڪرو پنهنجي وڏي موٽر ۾ ايندو ۽ هن ڇوڪريءَ کي اڪيلو ڏسي، موٽر هن جي پرسان بيهاريندو ۽ ڇوڪريءَ کي موٽر ۾ چڙهڻ جي آڇ ڪندو ۽ ڇوڪري ٿوري ماٺي ڪانپوء موٽر ۾ چڙهندي ۽ پنهي جو پاڻ ۾ پيار ٿي ويندو.... مان ڏسان ٿو ته فلم جي پردي تي برابر ائين ٿئي ٿو.

مان ڪونج کان پڇان ٿو "تو هيءَ فلم اڳ ڏٺي آهي ڇا؟"

هوءَ جواب ڏئي ٿي "نه بابا، مون ائين ئي اندازو لڳايو. پاڪستاني فلمن ۾ اڪثر ائين ئي ٿيندو آهي."

هڪڙي ڏينهن ۾ ڏسجي ٿو ته پيار ڪندڙ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري، پروگرام رکي، شهر جي هڪ باغيچي ۾ ملن ٿا ۽ گفتگو ڪري رهيا آهن.... غزال، ڪونج کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ٿي: هاڻي ڏسجان ٿو ته هيءَ گذجي ڳالهائيندا ۽ سڄي باغيچي ۾ ڊوڙون پائي نچندا ٻه.... مان ڏسان ٿو ته برابر فلم جي پردي تي ائين ٿئي ٿو.

مان ڪڪين کان پڇان ٿو ”توهان شهرن جي ڪوڙ باغيچن ۾ ٻئي ويا ۽ گهميا آهيو، ڪڏهن توهان اهڙو نظارو ڏٺو آهي؟“

هو وراڻي ٿيون ”نه، بابا.“

ڇهن ڏٺن متن هٿياربند سمگلرن، جيڪي هيري جي محبوبيائيءَ کي زوريءَ کڻي وڃي رهيا آهن، تن سان هو هيڪلو ۽ بنا هٿيار وڙهي ٿو.... غزالہ پنهنجي پيءُ کي چوي ٿي: هيرو سڀني بدمعاشن کي ماري ميجائيندو، هو يا ڀڄي ويندا، يا بيهوش ٿي ڍيري ٿي پوندا يا قتل ٿي ويندا.... مان ڏسان ٿو ته ڊگهي مارا ماريءَ ڪانپوءِ ٻه سمگلر ڍيري ٿي پون ٿا ۽ ٻيا ڀڄي وڃن ٿا ۽ هيري جو وار به ونگو نه ٿو ٿئي.

مان اهو ٻه ٻڌان ٿو ته فلم هلندي ڪڪيون، هيروئن ۽ ٻين ائڪٽريسن جي ڪپڙن ۽ زيورن جي نئين فئشن ۽ سلائيءَ جي نئين ڊزائين تي پڻ ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيون آهن.

ٻچاڙڪي ڏيک ۾ هيرو زهر کائي آتم هتيا ڪري ٿو. هن جو جنازو قبرستان ڏي کڻي وڃي رهيا آهن.... ڪونج پنهنجي پيءُ کي چوي ٿي: پاڪستاني فلم جو هيرو ڪوروئي مرندو آهي. ڏسجان ته هي جيئرو ٿي پوندو

۽ پنهنجي پسند واري شادي ڪندو.... مان پردي تي ڏسان ٿو ته قبرستان ۾ جنهن وقت لاش قبر ۾ لاهڻ وارا آهن، ان وقت لاش ۾ چرپر ٿئي ٿي ۽ هيرو جڏهن اهو ٿيندي ڏسي ٿو ته خبر پوي ٿي ته هن وقتي بيهوشي ڪرڻ واري دوا کاڌي هئي.

مان وري به سوچيان ٿو ته طبقاتي سماج ۾ ان کان وڌيڪ اميد به رکي نه ٿي سگهجي. اهي پيٽ ڀريل طبقي جا کيل آهن، جي ڪتابن ۽ فلمن ذريعي محروم طبقي لاءِ خواب پيدا ڪري، انهن کي انهن خوابن ۾ خوش رهڻ لاءِ انسٽا موجود ڪن ٿا....

ننڍ جي تياريءَ ۾ مان پنهنجي ڪمري ۾ ۽ ڪڪيون پنهنجي ڪمري ۾ ڪتاب پڙهي رهيا آهيون. وقتي وقتي ڪڪين جي ڳالهائڻ جو آواز اچي ٿو. منهنجي ڪن تي هي گفتا پون ٿا:

”ڪيئن گوڪيءَ جو اهو ناول دلچسپ آهي؟“

”دلچسپ آهي انڪري ئي ته صبح کان وٺي پڙهي رهي آهيان.“

مان اها ورندي ٻڌي، نئين اطمينان واري ننڊ سمهڻ لاءِ پاسو ورايان ٿو.

(١٦- سيپٽمبر ١٩٨٣)

ساگر: ١٩٨٤



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# انهن گهڙين جو خمار

انهن گهڙين جي خمار ۾ گم سم، پتو ناهي ته ڪيئن گهر پهتس. اهو هوش نه هوم ته ڇا پيو ڪاوان، ڇا پيو ڏسان، ڇا پيو ڪريان! دماغ، اهو تصور وري وري پئي ورجائڻ چاهيو. دل، مستي ۽ عجيب خوشيءَ سان ڇلڪي رهي هئي. جي ننڊ هوس ته به خواب پئي ڏٺم، جي جاڳيس پئي ته به سهڻا سپنا سامهون هئم. ربڊي جي راڳڻ ۾ اڄ اچانڪ ايترو رس اچي ويو هو، ايتري ڪشش پيدا ٿي وئي هئي. دنيا اوچتو ڪيڏي نه روشن بڻجي وئي هئي، جيون ڪيترو نه خوبصورت لڳي رهي هئي. دل ۾ جذبن ۽ دماغ ۾ خيالن جو جيڪو ساگر لهرون هڻي رهيو هو، ان کي لفظن جا ڦڙا پاڻ ۾ ڪٿي ٿا سمائي سگهن!

اڄ اسان هڪ ٻئي کي ڇهيو هو. نگاهن، آوازن ۽ مرڪن سان ته اڳي به ڇهيو هو، پر اڄ هٿن ۽ چپن سان ڇهيو هو.

هن کي ڳالهائيندو ٻڌي، منهنجي ڪنن اهو آواز بار بار ٻڌڻ جو اوسيئڙو ڪيو هو. هنجي مرڪ ڏسي، دل چاهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امنگ ۽ خوشي مليل هئا ته اسين ٻئي هڪ ئي فضا ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون، نظرون ساڳئي هنڌ پردي تي آهن ۽ ساڳي شيءِ ساڳئي وقت ڏسي رهيا آهيون ۽ اهو به ته کهٽ ۾ کهٽ پيار جا نظارا ڏسي، ٻنهي جي اندر ۾ ساڳيا اڌما ۽ امنگ اٿن ٿا.

رڻ پٽ ۾ رلندي، سڙندڙ سج هيٺ، ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو ملي وڃي ته ڇا محسوس ٿيندو؟ هن جي، منهنجي ڪوٺيءَ ۾ ايندي ئي، مونکي پنهنجي اندر ۾ ۽ ٻاهرين ماحول ۾ اهڙي ئي تبديلي محسوس ٿي.

وات کير ۽ ماکيءَ جي ذائقي سان پرجي ويو. چپ صدين جي پياس کان خشڪ ٿي ويا. نقاب ڪشائي تي ته ڌرتي گلن جو فرش بڻجي وئي. مَن جي مرادن جون ڏياٽيون ٻرڻ لڳيون.

سرڳ جي تصوير، پهرين پهرين، پهريون پهريون پيار ڪندڙ، پهرين پهرين پيار جي لذت حاصل ڪرڻ ڪانپوهه ئي چٽي سگهيا هوندا. يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته جي، ڪي شخص پيار جهي پيار ڀرين گهڙين کان محروم نه رهن ها ته سرڳ جو تصور ئي پيدا ڪونه ٿئي ها.

منهنجي ذهن ۾ به شيون نيون اڀاري وئي: هڪ نئون لفظ ۽ هڪ نئون ويچار.... نئون لفظ آهي Bed-Room Beauty يا سمهڻ ڪوٺيءَ جي سونهن. هي لفظ مون پهرين ڪڏهن ڪونه ٻڌو هو. ان ڏينهن ئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ۽ هوءَ يونيورسٽيءَ جي مٿئين ڪلاس جا شاگرد آهيون، پر اسانجي اهڙي روش لاءِ ذميوار اسانجا جاگيرداري دور جا ذهن آهن. ورنه اسان لاءِ اهو سمجهڻ ڏکيو نه هو ته ويساهه گهاتي ۽ بيوفائيءَ جهڙا لفظ ڪيترو نه بي معنيٰ آهن ۽ انهن لفظن جا پيدا ڪيل وهم ۽ وسوسا اسانجي جيون جي لذتن حاصل ڪرڻ ۾ ڪيئن نه رڪاوٽ بڻجن ٿا.. ڇا اها حقيقت نه آهي ته مان جڏهن به هن سان پيار جي مامري ۾ سماج، ڌرم، ويڌي، اخلاق، غيرت يا ٻين رسمن رواجن جون دم گهٽيندڙ ديوارون محسوس ڪندو آهيان ته پاڻ کان ڏي هي سوال پڇندو آهيان ته: ٻه انسان، هڪ ٻئي کي ايترو چاهين ٿا، هڪ ٻئي جي پيار ۾ ٻڏل آهن، هڪ ٻئي جي سات ۾ اڻ مٽي خوشي محسوس ڪن ٿا، اهڙي خوشي جا هنن دنيا جي ڪنهن به ٻي چيز ۾ نه ماڻي هجي، انهن کي ڇو نه سدائين لاءِ يا جيستائين هو چاهين، گڏ گذارڻ ڏنو وڃي؟

(٢١- ڊسمبر ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻيجل، ٻئي روپ ۾

”سائين، قومي گيت ڇا ٿيندو آهي؟“

”ڇا؟.... ڇا ٿو چئين؟“

”مولا وڌائي، مون اهو ٿي پڇيو ته قومي راڳ ڇا کي چئبو آهي؟“

”ڇو.... ڇو ٿو پڇين؟“

”خدا ڀلو ڪري، اهو به ٻڌايان ٿو، پر پهرين مونکي سمجهايو ته سهي.“

”قومي گيت، انهن گيتن کي چئبو آهي، جي قوم جي باري ۾ هجن.“

”سائين، مان ڄٽ ماڻهو، ائين ڪٿي ٿو سمجهي سگهان، کولي ٻڌايو.“

”پهرين ته اهي قوم جي ٻوليءَ ۾ هجن.“

”اهو ته اسين پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳائيندا آهيون.“

”اهي گيت پنهنجي ڌرتيءَ جي باري ۾ هجن، يعني پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن، جهانگيئڙن ۽ سانگيئڙن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي جبلن، ندين ۽ ٻهاڙن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي جهنگن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺن ۽ شهرن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي هارين، ڪاسبين ۽ پورهيتن جي باري ۾ هجن."

"ها سائين، پوءِ؟"

"اهي گيت پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ جي باري ۾ هجن، يعني تاريخي واقعن جي باري ۾ هجن. پنهنجي ڌرتيءَ جي سورمن ۽ سورمين، سورهين ۽ سورهيائين، سرويچن ۽ سرويچائين جي باري ۾ هجن. جي ڌرتي ڌارين جي غلام هجي ته اهي گيت آزاديءَ جا امنگ پيدا ڪرڻ وارا هجن."

"ها سائين، اڃا به پوءِ ڪجهه؟"

"اهي گيت پنهنجي ڌرتيءَ جي سيپتا جي باري ۾ هجن، يعني ڌرتيءَ جي رهاڪن جي رهڻي ڪرڻي، اٿڻي ويهڻي ۽ هنن جون ريتون رسمون. انهن جو روشن پهلو اجاگر ڪيل هجي ۽ اونداهو پهلو تنقيدي هجي. انهن گيتن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي راڄنيتي، پنگتي ۽ گذراني مسئلن جي ويچار هجي. انهن گيتن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ تي پرماري نظام ۽ پيڙهيندڙ طبقي خلاف پيڙيل طبقي کي جاڳوڙ ڪرڻ جو سڏ هجي. اهڙا گيت جن جو فن عوام لاءِ هجي."

"مولا ڀلو ڪريئي، ڳالهيون ته گهڻيئي ڪري ويئين. ڪي سمجهه ۾ آيون، ڪي ڪونه آيون. پر مطلب اهو ٿيو ته قومي گيت اهي آهن، جن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جون ڳالهيون هجن. بس سائين، هاڻي هڪڙي عنايت ڪريو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪهڙي؟"

"مونکي ڪن ماڻهن ٻڌايو آهي ته توهان شاعر آهيو ۽ ڏاڍا سٺا قومي گيت ٺاهيندا آهيو. مان انڪري ئي توهان وٽ آيو آهيان."

"پوءِ مان ڇا ڪريان؟"

"مونکي چار پنج پلا ۽ نوان قومي گيت ٺاهي ڏيو."

"ڇو، ڇا ڪندين؟"

"اسين مڱڻهار آهيون، ڳائڻ وڄائڻ وارا، اهوئي اسانجو گذر سفر آهي. اهي گيت محفلن ۾ ڳائينداسين."

"تون ته ڪچ ڄمار جو ٿو ڏسجين، هن مهل تائين ڇا پئي ڳايو وڄايو اٿئي، جو هينئر هي خيال آيو اٿئي؟"

"مولا وڏائي، سڄي عمر ته عشق ۽ پيار جا راڳ پئي ڳايا اٿئون ۽ داد حاصل ڪيو اٿئون، پر هاڻي اهو وقت نه رهيو آهي!"

"ڪيئن پلا؟"

"سائين، هاڻي شاگردن جي محفلن، سياسي ۽ ادبي ميڙن ۽ لطيف گهوٽ جي جشنن ۾ نه ٿيو، پر مڱڻي ۽ شاديءَ جي موقعن تي به ماڻهو انهن ڳائڻن کي گهرائن ٿا، جي قومي گيت ڳائن ٿا. اسانکي جي ڪوئين ٿا ته به اتي موجود ماڻهو قومي گيت ڳائڻ جي فرمائش ڪن ٿا. اسان جيڪي راڳ ۽ گانا ڳائيندا آهيون، يا جيڪي اسانجا وڏا ڳائيندا هئا، تن تي نڪو اهڙو داد ملي ٿو ۽ نه اهڙي گهور ٿئي ٿي. اسان ڏسندا آهيون ته قومي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت ڳائيندڙن تي گهور به ڏاڍي ٿئي ٿي ۽ ماڻهو داد
به ڏاڍو ڏين ٿا. عشق ۽ پيار جي گانن تي ته اسين
مڱڻهار نچندا آهيون، پر قومي گيتن تي، ٻڌندڙ ڌاڙهن جو
ڦهڪو لڳائي ڏيــن ۽ جوش ۾ اٿي نچڻ لڳن. لوڪ
گيت به ماڻهن کي وڻن ٿا، پر قومي گيت ئي ڳالهه آهن.
سو بابا سائين، مولا ڀلو ڪريئي، ڪي اهڙا ٻول لکي
ڏي جو ٻڌي ماڻهو مست ٿي وڃن!...."

(۱۲ نومبر ۱۹۸۲)

نئون نياپو: مارچ ۱۹۸۴



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاءُ

آپريشن ٿيئٽر کان ٻاهر نڪتس. ورانڊي ۾ پندرهن سورهن ڄڻا موجود هئا. انهن ۾ بيمار جا پيءُ ماءُ، مائٽ ۽ همدرد ڄڻا هئا. هڪ هڪ جو الڳ الڳ چهرو ڇڪاڻ جو نه موقعو ڪونه هو، پر عام طرح انتظار، انديشي، بي يقيني ۽ اميد جا پاڇولا انهن چهرن تي پڌرا هئا. ڏورو پريرو، مريض جي ماءُ مصلي تي ويهي، گوڏا کوڙي، هٿ مٿي کڻي دعا گهري رهي هئي. مونکي ٻاهر نڪرندو ڏسي، دعا ختم ڪري، هوءَ به مون ڏانهن وڌي آئي. هوءَ اڌڙوٽ عورت هئي. گل واري سنڌي جتي، ڇيٽ جي سلوار، بافتي جو اڇو چولو ۽ ململ جي پوتي. ڪپڙا ڏوتل ضرور هئا، پر سندس چهري وانگر گهنج گهنج. بيمار جو پيءُ پنهنجي بيحد فڪرمند چهري سان ٻئي هٿ ٻڌي، منهنجي سامهون اچي بيٺو هو. ائين لڳو ڄڻ هو سڏڪو ڀرڻ وارو هجي. هن جا ڪپڙا به سادا سودا هئا، مٿي تي پٽڪو هوس ۽ ڪلهن تي اجرڪ. سڀني جا منهن سوال بڻجي ويا هئا.

مونکي خبر هئي ته منهنجو فقط هڪڙو جملو انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇورن جي فڪرمندي، انديشا، بي يقيني ۽ انتظار کي ختم ڪري، خوشيءَ سان چمڪائي سگهي ٿو. ۽ اهو جملو چوڻ ۾ مون دير يا ڪنجوسائي نه ڪئي ۽ خاص ڪري انڪري به جو مونکي به هنن ڪان ڪجهه پڇڻو هو.

مون هڪدم چيو ”مبارڪ! آپريشن ڪامياب ٿيو. ڇوڪرو ٺيڪ ٺاڪ آهي.“

مون محسوس ڪيو ته هنن مٿان ڄڻ مڻين بار هو، جو لهي ويو ۽ منهن سرها ٿي ويا. دعائن جا ڍير لڳائي ڇڏيائون. ماءُ ته اچي منهنجي پيرن تي هٿ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون پير پري ڪري، هن جي مٿي تي هٿ رکي هن کي دلداري ڏني. پوءِ سوالن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. هرڪنهن ڪونه ڪو سوال پڇيو:

”ڇوڪرو هوش ۾ آهي يا بيهوش؟“

”هاڻي ڪو خطرو ته ڪونهي؟“

”ڇوڪرو ڪڏهن هوش ۾ ايندو؟“

”ڇوڪري کي ايذاءُ ته ڪونه آيو؟“

”پٿري نڪتي؟“

”پٿري ڪيڏي هئي؟ وڏي هئي يا ننڍي؟“

”هاڻي ڪا تڪليف ته ڪانه ٿيندس؟“

”اڄ ڇا کارايونس ڇا پيارينس؟“

”وري ته پٿري ڪانه ٿيندس؟“

”ڪهڙيون پٿريون نڪتيون؟ هڪ يا وڌيڪ؟“

”اسين ڏاڍا غريب آهيون. ٻچي جي خانگي اسپتال


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

۾ علاج خاطر اسان پنهنجي ميهن وڪڻي ڇڏي، ڇو جو ماڻهو پيا چون ته سرڪاري اسپتال ۾ توجهه ڪونه ٿا ڏين ۽ اتي جوکو آهي. ڊاڪٽر سائين، هاڻي ته صفا سگهو ٺيءِ وينندو نه؟“ ماءُ پڇيو.

”ڊاڪٽر سائين، اسين سڀ مٽ مائٽ ۽ ڳوٺ جا ماڻهو، ڇوڪري خاطر پنهنجا ڪم ڪار، ڌنڌا ڌاڙي ڇڏي آيا آهيون، اسانکي دلجاءِ ڏيو ته سڀ خير آهي؟“ پيءُ چيو.

مان اهڙن سوالن تي هريل هوس ۽ هي ته سنئون سڌو ڪيس هو. ڪو جوکو ڪونه هو. جواب پوري سخاوت سان ڏنم. البت آپريشن دوران، بيمار جي ساهه بند ٿي وڃڻ وارو اتفاق، هنن کي ٻڌائي نه ٿي سگهيس.

مونکي جو ڪجهه هنن کان پڇڻو هو، سو هن وقت پڇڻ مناسب نه هو. پر مان اهڙو بي‌صبر ٿي رهيو هوس جو پاڻ کي روڪي نه سگهيس.

”توهان وٽان يا توهانجي ڳوٺ مان پهاڻ ڪو ڇوڪرو ڪٿي ويا هئا ڇا؟“ هنن جي سوالن کي ختم ٿيندي ڏسي، مون هنن کان پڇيو. سڀني ڏي نهاريم، ڄڻ سڀني کان ٿي اهو سوال پڇيم.

هو حيرت مان هڪٻئي ڏي ۽ مون ڏي نهارڻ لڳا. ڪجهه سمجهي به پيا ته ڇا پڇڻ ڇا جواب ڏين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ڪير جواب ڏئي. پوءِ بيمار ڇوڪري جي ڀيڻ چيو ”سائين، توهان اسانجي ڳوٺ آيا آهيو ڇا؟ اسان ته اتي توهان کي ڪڏهن ڪونه ڏٺو آهي يا اتي ڪو توهانجو مٽ مائٽ يا ڄاڻو سڃاڻو رهي ٿو ڇا؟“

”مونکي ته اها به سُڌ ڪانهي ته توهانجو ڳوٺ ڪهڙو آهي ۽ نالو ڇا اٿس؟“ مون وراڻيو.

”پوءِ توهانکي ڇوڪري ڀڄائڻ واري واقعي جي خبر ڪيئن پئي؟“ هن وري مون کان سوال ڪيو.

آپريشن ڪرڻ کان اڳ بيمارکي بيهوش ڪيو ويندو آهي. بيهوشيءَ جي دوا ڏيڻ سان بيمار هڪدم پورو بيهوش نه ٿيندو آهي، ۽ نه دوا جو ايڏو وڏو وزن ڏبو آهي جو فورن گهري بيهوشي طاري ٿي وڃي. اهڙي دوا سنگهائڻ يا سُئيءَ ذريعي آهستي آهستي ڏيڻ سان پهرين هلڪي بيهوشي ٿيندي، پوءِ نيم بيهوشي، پوءِ پوري بيهوشي، پوءِ گهري بيهوشي. جڏهن مريض پوري بيهوشيءَ ۾ ايندو آهي، تڏهن وڍ ڪٽ شروع ڪبي آهي.

نيم بيهوشيءَ جي ڏاڪي ۾ ماڻهوءَ جو شعور ختم ٿي ويندو آهي، پر لاشعور اڃا سجاڳ هوندو آهي. لاشعور تي شعور جو ڪنٽرول ختم ٿيڻ ڪري، مريض پاڻمرادو لاشعور ۾ دٻيل ڳالهيون ٻولڻ لڳندو آهي. ڪو حديثون پڙهڻ لڳندو آهي، ڪو آسماني هستين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئيسين، انهڪري سگهوڻي بيمار سولو ساهه کڻي لڳو ۽ منهنجي پيٽ ۾ به ساهه پيو.

هاڻي مان آپريشن جي اوزارن جي کڙڪڙ به ٻڌي رهيو هوس ۽ اسپرٽ، ڊيٽال، رت ۽ انسان جي کليل ماس جي بوءِ به محسوس ڪري رهيو هوس، جن ڪان مٿين سوچ جي دوران، ٻوڙو ۽ بيحس بنجي ويو هوس، ۽ اهو پڻ ڏٺم ته آپريشن ڪيستائين پهتي آهي.

بيمار ڇوڪري جي مائٽن منهنجي پڇڻ تي تفصيل سان واقعو ٻڌايو. هن جي پيءُ چيو: ”سال کن اڳ، هڪ مالجهيءَ جو، اسانجو هي ڇوڪرو، پنهنجي هڪ همعمر ڇوڪري سان، گاهه جي ڀري کنيو، ٻنيءَ ڏانهن موٽي رهيو هو ته هن کي جهنگ جو خيال ٿيو. هو گاهه جي ڀري هيٺ رکي، ٿورو پرڀرو وڃي هڪ ٻوڙي پٺيان ويٺو. ٻيو ڇوڪرو به پنهنجي ڀري هيٺ رکي، اتي روڊ جي ڀرسان ويهي رهيو. ٿوري دير کانپوءِ منهنجي ڇوڪري ٻوڙي جي وچ مان ڏٺو ته هڪ جيپ اچي سندس سنگتيءَ جي ڀرسان بيٺي. ان مان ٻه پٺاڻ لٿا ۽ ٽيون ڊرائيور پٺاڻ گاڏيءَ ۾ ويٺو رهيو. هنن ٻن ڄڻن اچي سندس سنگتيءَ سان ڪجهه ڳالهايو ۽ پوءِ اوچتو هنجي نڪ تي رومال رکيائون ۽ هن کي ڪنڌي کڻي وڃي جيپ ۾ چڙهيا ۽ جيپ رواني ٿي وئي. ان ڇوڪري جو اچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو.

”هاڻي اِهن ماڻهن کي همت نہ ٿيندي آهي، جو خير صلح ۾ پيا پنهنجي ڏنڊي ڏاڙهيءَ لاءِ بہ، اماڻجي ڪوٺن ڏي اچي سگهن.“ هڪ نوجوان، غير ارادي طور، پنهنجن شهپرن کي سنواريندي، للڪار جي انداز ۾ چيو.

اتي آپريشن ٿيئيٽر جو دروازو کليو. آپريشن ٽيبل تي ڇوڪري کي هاڻي ڦيٿن واري اسٽريچر تي، وارڊ ڏانهن ٿي نيو ويو. جڏهن ڏي اسٽريچر ٻاهر آندو ويو تہ، هي هڙئي ماڻهو، مولڪي وساري، ان ڏانهن وڌيا ۽ اسٽريچر جي چوڌير گهيرو ڪري ويا، ڄڻ پنهنجي پيار لاءِ، پنهنجي جگر جي ٽڪري لاءِ، پنهنجي ڌرتيءَ جي آڌيندي لاءِ، هر دشمن کان بچاءَ جو مضبوط قلعو بڻائي ڇڏيو هئائون.

(۲۸ آڪٽوبر ۱۹۸۳)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مٺي ٻوءِ

هڪ واري ڏٺو ته، اڄ ڳوٺ جي ڳراهڪن جي لائين لڳي پئي آهي. هونءَ ته ڪي ٿنڌا ۽ ڪي وڏا ڳوڙ خريد ڪرڻ ايندا هئا، پر اڄ رڳو ٻار پيا خريد ڪن، ۽ ساڳيو ساڳيو ٻار وري پيو ڳوڙ وٺڻ اچي. سڀئي مهني ۾ اڌ ڳوڻ مس کپندي هئس، پر اڄوڪي هڪ ڏينهن ۾ اڌ ڳوڻ ڪان به وڌيڪ، جو ڳوڙ وٺس هو، سو وڪامي ويو هو. هن ويچاريو ته ڪو وڏو ڏڻ ته ڪو نه آهي. هتي ”لاٻارو ڏينهن“ ملهايو ويندو آهي ۽ ان موقعي تي هاري ٿاري طاهري پچائيندا آهن ۽ ڳوڙ جو ڪاپو سرس ٿيندو آهي، سو به ايترو نه، ۽ وڏي ڳالهه ته لاٻاري جو ڏينهن ته اڃا گهڻو پري هو. هن ٻن چئن ٻارن ڪان پڇيو به ته ايترو ڳوڙ ڇو ٿا وٺو، پر هو مرڪيا ۽ فقط اهو چيائون ته ”ڪاڪا، ٻاڻ ’ڏڪو ڄڻو، ته ته توهانکي جلد ئي خبر پئجي ويندي!“

هڪ واري اهو به ڏٺو ته اڄ ڪوبه ٻار نه پيڪڙا ٿو وٺي نه ريوڙيون، نه بسڪوٽ نه ڪتمنڙا ۽ نه ڪو ٻيو ٽول. هي ٻار، هنجي پنهنجي ڳوٺ جا چانڊل سچانڊل ٻار

ڪپڙ ۽ سرنهن جا گهاٽا ۽ ٻڪها وڻ هئا، جـي رستي تـي ڇانو ڏيندا هئا. هر ڳوٺ وارا، پنهنجي ڳوٺ جي سامهون واري رستي جي حصي ۾، انهن وڻن جي چوٽين تي پنهنجي انقلابي پارٽي (ويٽنام ورڪرس پارٽي) جا جهنڊا چاڙهي ڇڏيندا هئا. اهڙي طـرح سڄي رستي تي پارٽيءَ جا جهنڊا جهولندا نظر ايندا هئا. هي جهنڊا هنن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيندا هئا، هنن ۾ جدوجهد جو اتساهہ وڌائيندا هئا ۽ پورهيت هجڻ جـي بلنديءَ جو فخر پيدا ڪندا هئا. هـي جهنڊا ٻين ڳوٺن وارن لاءِ بہ اهڃاڻ هئا تہ ڌرتيءَ جا سڀ پورهيت گڏ آزاديءَ جي جنگ ۾ رڌل آهيون. ان ڪانسواءِ اهي جهنڊا دشمن لاءِ داغ هئا، ڏنوليـي هئا، چتاءُ هئا، للڪار هئا. آمريڪي لشڪري هي جهنڊا ڏسي باهہ تي ويندا هئا، ڇو تہ هنن لاءِ ڪا ڪار هجي. رستي لنگهندي، هو اهڙن وڻن تي چڙهي، جهنڊا لاهيندا ويندا هئا.

ٻارن جا پٽا پٽا نعرا پڙدي، وڏا هنن جي چوڌاري مڙي ويا هئا. نعرن ۾ ليندي هئي:

"جيئي جيئي...."

"ويٽنام جيئي!"

"جيئي جيئي...."

"هوچيمن جيئي!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اٿو اٿو....“

”آمريڪي ڪيڏون!“

”اڇو اڇو....“

”سامراج مارڀون!“

وڏن ٻــ ڀوري زور سان، نعرن هڻڻ ۾ ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو.

ٻار پنهنجي انقلابي اڳواڻ چاچي هوچيمن جو گيت ڳائڻ لڳا:

انقلاب جي راھ تي نڪري ڀوڻ سان

ٻوڏي ٿي چاڻ دشوارين جي،

هڪڙي چوٽي چڙهبي

ٻي اچي ويندي آڏو،

پر جاکوڙ ڪري هيڪر

پھتاسين جي چوٽ تي،

هزارين ميل اچي ويندا

هڪ نگاھ جي گهيري ۾!

وڏن ٻہ ننڍن سان آواز ۾ آواز ملايو.

پوءِ ٻار ٽي قطارون ٺاهي، لشڪري پريڊ نموني، وک وک سان ملائي، ڪي رستي پاسي وڌڻ لڳا. وڏن ڏي اٿين نهاريائون جڻ هنن کي نينڊ ڏيندا هجن تہ توهين بہ اچو. ۽ وڏا هنن جي ڀوٺان هلندا رهيا.

رستي جـــي ويجهو پهچي، وڏن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ ٻين ڳوٺن سامهون وارن رستي جي وٽن ٺاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه جهنڊا لٽڪيل هئا، پر سندن ڪوٽ سامهون وارن وڻن
جي چوٽين تي سندن رات جو ٻڌل جهنڊا خوب ڦڙڪي
رهيا هئا، جن کي ڏسي سندن دل ٻه جهومڻ لڳي. جڏهن
تهن وڻن وٽ ويجهو پهتا ته ڏٺائون ته انهن جا ٽڙ،
ماڪوڙن جي ڪٽڪن سان ڪارا هئا ۽ انان چاتل
سچائل ڪڙ جي مٽي بوءِ اچي رهي هئي.

(٢٨ آڪٽوبر ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# پيڀي جان پاڙ ۾

مان ڊاڪٽر شيخ کي پُراڻ پسند سمجهندو هوس، يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي، هن کان وڌيڪ ترقي پسند.

هن کي چار سؤ ايڪڙ زمين وڏن کان ورثي ۾ ملي هئي، جنهن مان هر سال هن کي گهر ويٺي لکين رپيا پيا ملندا هئا.

”يار، تون به زمين جو ٽڪرو وٺي ڇڏ. ان مان ڏاڍي سٺي ۽ سولي ڪمائي ٿئي ٿي. اهي سوشلزم جا خيال اجايا آهن ته زمين جي ذاتي ملڪيت هجڻ نه کپي. ذاتي ملڪيت مان ماڻهو نه رڳو پاڻ سکيو رهي ٿو، پر هن جا پويان به آسودا ۽ گذر سفر جي خيال کان ڇٽل رهن ٿا“ هو مونکي چوندو هو.

خانداني دولتمند هجڻ ڪري، هن شروع کان ئي عاليشان اسپتال ٺهرائي هئي، جنهن ۾ رهڻ لاءِ وارڊ هئا، اسپيشل ڪمرا هئا، ليباريٽري هئي، ايڪس-ري هو ۽ آپريشن ٿيئٽر هو. انڪري زبردست ڪمائي ٿيندي هئس.

”يار، تون ڪا نٿ ڊاڪٽر واري اسپتال ٺهراءِ. هن

ننڍڙي دڪان واري اسپتال مان ڇا ٿيندو. مان ته چوندس ته، ماڻهوءَ کي هڪ ڪان وڏيڪ ڪمائيءَ جا ذريعا هجن، جئين اتفاق سان جي ڪڏهن هڪڙي ذريعي مان اپت گهٽجي وڃي يا بند ٿي وڃي ته ٻئي ذريعي مان ته ايندي رهي." هو مونکي چوندو هو.

هن وٽ دولت جا ڍير ٿيڻ لڳا ته، وڏن وڏن ڪارخانن جا حصا خريد ڪرڻ شروع ڪيائين.

"حلال جو ۽ جائز نموني ڪمايل پئسو، ماڻهوءَ جو پنهنجو پئسو آهي. ماڻهو پئسو جئين وڻيس تئين چوڻ استعمال ڪري، جئين وڻيس تئين ڇوڙي وڃائي. چوري، ڌاڙي، رشوت، بليڪ مارڪيٽ يا سمگلنگ جو پئسو هجي ته اها ٻي ڳالهه آهي." هو بنا پڇڻ به چوندو رهندو هو.

هن ڪي مسڪين ۽ معذور ماڻهو هوراڻي ڇڏيا هئا، جي زڪوات جي موسم ۾ هن ڪان زڪوات وٺڻ ايندا رهندا هئا.

"نون چوندو آهين ته زڪوات ان وقت جي هڪڙي قسم جي سرڪاري ٽئڪس هئي ۽ ملڪ جي گڏيل معاشيات واسطي هئي، جئين هن زماني ۾ انڪم ٽئڪس ۽ ٻيون ٽئڪسون آهن. پر ائين ناهي. زڪوات هڪڙو مذهبي فرض آهي ۽ ڏيندڙ جي مرضيءَ تي آهي ته، ڪنهن به گهرجائوءَ کي ڏئي. اهو فرض پورو ڪرڻ سان هنجي شخصي ملڪيت ۽ ڪمائيءَ ۾ برڪت پوندي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سونکي چوندو هو.

مسجدن لاءِ يا تبليغي جماعتن جا ماڻهو چندو وٺڻ ايندا هئس ته دل کولي پئسا ڏيندو هو.

”دين جي ان خدمت ته ڪالهه ئي پهچي، هي ٿورو گهٽو ته ڪري سگهجي ٿو.“ هن چندائن جي وچڻ ڪانپوءِ چوندو هو.

قومي هلچل لاءِ يا لطيف ڏينهن جهڙا جشن ملهائڻ لاءِ ڪارڪن يا شاگرد سهائتا گهرڻ ايندا هئس ته هنن کي ٺپ جواب ڏئي ڇڏيندو هو.

”مان سمجهان ٿو ته توکي هيءَ ڳالهه ناگوار لڳي هوندي، پر خبر اٿئي هي ماڻهو قوم ۽ ٻوليءَ جي نالي ۾ رقمون وٺي وڃي هوٽلن ۾ ڊنرون کائيندا آهن ۽ شراب پيئندا آهن.“ انهن ڪارڪنن ۽ شاگردن جي وڃڻ ڪانپوءِ، هو مون ڏي مهڙ ڪري سونکي ٻڌائيندو هو.

مان هنجي اسپتال ۾ آپريشن لاءِ نائب (Assistant) جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو آهيان، انڪري اتي اڪثر ايندو ويندو رهندو آهيان.

جمعي ڏينهن هو به موڪل ڪندو آهي ۽ مان به پنهنجي اسپتال بند رکندو آهيان. هڪ جمعي تي سونکي فون تي ٻڌائين ”ڊاڪٽر، Strangulated Hernia (قاتل چڙن) جو نازڪ حالت ۾ هڪڙو بيمار اچي ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپريشن ڪري پوري ڪئيسين ته جمعي جي نماز جو وقت اچي ويجهو ٿيو هو. ڊاڪٽر شيخ پنهنجي اسپتال جي وارڊ بواءِ (تيماردار) ڏي منهن ڪري چيو ”مولوي، شام تائين هن بيمار جي پرسان وٺو سمجهان ۽ هن ڪي سنڀالجانءِ!“

ڊگهي ڏاڙهي مجهي ڪري هن وارڊ بواءِ کي مولوي ڪوٺيو ويندو آهي. نماز روزي جو ته ڏاڍو پابند آهي، باقي جيستائين عقل، علم ۽ تعليم جو تعلق آهي ته هو سادڙو سودڙو ڳوٺائو آهي، ۽ شايد پنهنجي ڳوٺڙي جي جي پرائمري اسڪول ۾ ٻه ٽي درجا پڙهيا اٿس. هتي اسپتال ۾ ٽي چار سال ڪم ڪرڻ ڪري، بيمار جي ٽهل ٽڪور ڪرڻ، سئي هڻڻ، نبض چڪاسڻ، ٽيمپريچر ڏسڻ، ملم پٽي ڪرڻ ۽ ٻيو سنهو ٿلهو ڪم ڪرڻ سکي ويو آهي.

ڊاڪٽر جو اهڙيون حڪم ٻڌي، هن ورائيو ”سائين، مان ويهي ڪونه سگهندس. جمعي جو ڏينهن آهي، نماز جو اهم ٿيو آهي، ٻه ڪلاڪ ڪن ته لڳي ويندا. لڱا ٻه مقائڻا آهن، وهنجڻو به اٿم.“

ڏٺم ته ڊاڪٽر جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

”چونه وهندين! بيمار جي حياتي ۽ موت جو سوال آهي. هڪڙو منٽ به مريض ڪان پري نه ٿجانءِ. هن وقت نماز ڪان وڌيڪ، هن بيمار کي تنهنجي سنڀال جي ضرورت آهي.“ ڊاڪٽر شيخ سختيءَ سان چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي من ۾ ڊاڪٽر شيخ لاءِ بيحد عزت ڀريو جذبو اڀريو. مونکي احساس ٿيو ته اهڙي حالت ۾ ڇڙ مان پريل هوندي ۽ چاهيندي به مان وارڊ بواءِ کي نماز کان روڪي نه سگهان ها. مونکي پنهنجي ڪردار جي ڍلائي، اخلاقي جرئت جي گهٽتائي ۽ منافقت جو احساس وڌيڪ ٿيڻ لڳو.

(١١ نومبر ١٩٨٣)




صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ




www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# پروفيسر

اگي غائب دماغ قسم جي پروفيسرن جا ڏوڏڪا ٻڌبا هئا. هي پروفيسر انهن مان نہ آهي. پر هن کي ليڪچر ڏيڻ جو خبط هوندو آهي، سو ٻہ ڪلاس کان ٻاهر. هو سماج ڄاڻ (Sociology) جو پروفيسر آهي، ۽ جڏهن بہ سماجي بي‌انصافيءَ جي ڪا گهٽنا ٻڌندو آهي تہ ليڪچر شروع ڪري ڏيندو آهي، ۽ هنجو ليڪچر سدائين اڻکٽندڙ هوندو آهي، ايتري قدر جو ٻڌندڙ بور ٿي ڪسڪڻ لڳندا آهن. انڪري هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ واقعو ۽ هنجو هڪ ليڪچر مس ماپي سگهندا.

اهو واقعو ان ملڪ جو آهي، جتي اڇوت رهندا آهن. پر پهرين مان هن پروفيسر جو ان واقعي تي ليڪچر ٻڌائيندس ۽ پوءِ اهو واقعو، ڇوتہ انديشو آهي تہ دلچسپيءَ ڪري واقعو تہ پڙهيو ويندو، پر دلچسپيءَ جي اڻاٺ ڪري متان پنهنجان ڏنل ليڪچرکي اڌ ۾ نہ ڇڏيو وڃي.

هن ڀيري غير رواجي ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن ساڳئي ملڪ مان، هن واقعي کان اڳ، پوليس جي ظلم جي

اھا ھئي اُنھن اخباري اطلاعن جي داستاني تصوير، جنھن تي حاضرين، پروفيسر جي اچڻ کان اڳ، خيالن جي ڏي وٺ ڪري رھيا ھئا.

پروفيسر کي محسوس ٿي رھيو آھي ته اڄ ٻڌندڙ ھن جي ليڪچر مان بيزار نه ٿي رھيا آھن ۽ ڪنھن به کسڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي آھي، جيتوڻيڪ ان قسم جون ڳالھيون اڳ به ھنن ساڳين ماڻھن سامھون ڪري چڪو آھي.

”اڄ منھنجي نيت اخبار جي ھڪ اھڙي خبر جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي ھئي، پر اوھان جنھن گھٽنا تي بحث ڇيڙي ڪيو، مون به ان ۾ حصو ورتو“ پروفيسر چوي ٿو.

”اھا اھڙي خبر ڪھڙي آھي، سائين؟“ ٻه ٽي ڄڻا ھڪ ئي وقت پڇن ٿا.

”ھڪڙي ٽاڻي تي ھڪ ٻيڏوھي ڇوڪري تي ڪوڙو الزام مڙھي، ھن کي لاڪ اپ ۾ بند ڪيو ويو ۽ ھن کي مارياڻون ۽ ايذاءَ پڻ ڏنائون ته ھن جي ڪيھن تي سوين ماڻھو ڪٺا ٿي ويا ۽ جوش ۾ اچي، ٿاڻي جي گھيراءُ ڪري، ڇوڪري کي ڇڏايائون ۽ پوليس وارن کي به اڌ مئو ڪري وڌائون!“ پروفيسر ٻڌائي ٿو.

”سائين، ان گھٽنا تي روشني ضرور وجھو!“ ڪوڙ

آواز ڇون ٿا.

پروفيسر کي اچرج لڳي ٿو: ”هي ڪهڙو موضوع آهي جو ماڻهو منهنجي ليڪچر مان ڪوڙ کسڪيا آهن ۽ اڃا به وڌيڪ ٻڌڻ چاهين ٿا!

(١ ڊسمبر ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وري نه ايندو وڻجارو

حاجي قطب احمد رنگ والا سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ۽ واقفيت جون سرحدون هنجي دڪان جون ديوارون هيون. ها، ڪڏهن ڪتابن جي دڪانن تي اتفاقي ملڻ ٿيندو هو، يا ”لطيف ڏينهن“ ۽ اهڙن ٻين تهذيبي ميڙن ۾، يا ڪنهن شاديءَ جي موقعي تي. اهڙن هنڌن تي جي گڏ وڃڻ جو وجهه ملندو هو ته ڪچهري به ڪري وٺندا هئاسين. اسانجي واقفيت ڪي پندرهن سورهن سال ٿي وئي هئا، پر ڪڏهن به هڪ ٻئي ڪي شادي غميءَ جي ڪوٺ ڪانه ڏنيسين. نه ڪڏهن گڏ گهمڻ نڪتاسين ۽ نه ڪڏهن سئنيما يا هوٽل ۾ گڏ وڃي ويٺاسين. سان هنجي دڪان ۾ ويندو هوس، ته زوريءَ به ڪجهه وقت وهاري ڇڏيندو هو، ۽ چانهه پاڻي ۽ ميوي مٺائيءَ سان ٻڌ ڪرائڻ ڪانسواءِ اٿڻ نه ڏيندو هو. سان ڪيترائي ڀيرا هن کي منهنجي گهر يا اسپتال اچڻ جي صلاح ڪئي، پر هو ڪڏهن به نه آيو.

هن واقفيت جي شروعات ان وقت ٿي جڏهن سان پنهنجي گهر جي جڳهه، جوڙائي رهيو هوس. هن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جڏهن به دڪان ۾ ويندو هوس ته حاجي، ڪو ڪتاب يا رسالو پڙهندي نظر ايندو هو، يا اهو ڪتاب ميز تي رکيل هوندو هو. هڪ ڀيري منهنجو لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب، هنجي هٿ ۾ ڏٺم. پر مونکي محسوس ٿيو ته هن کي منهنجي ۽ ان ڪتاب جي وچ ۾ ناتي جي ڄاڻ ڪانهي.

هڪ ڏينهن هنجي هٿ ۾ گهڙيس ته هڪدم پڇيائين "ڊاڪٽر سائين، توهين ڪهاڻيڪار نجم عباسي ته نه آهيو؟"

مون هاڪار ڪئي.

هو اٿيو ۽ اچي مونکي خوشيءَ مان ڀاڪر پاتائين.

"مونکي تازو ئي اهو شڪ پيو هو. پر پڪ ڪرڻ واسطي توهان سان ڳالهائڻ جو اوسيڙو پئي ڪيم. توهان لڪل لعل نڪتا. ڪڏهن اهڙي ڳالهه ئي ڪانه ڪئي اٿوَ. توهان به سوچيو هوندو ته هڪ بد ذوق واپاريءَ کي ادب جي ڪهڙي ساڃهه!" هن چيو.

"نه، اهڙي ڳالهه ناهي. توهانکي جهڙي قسم جا ڪتاب پڙهندي ڏسندو آهيان، اهي توهانجي ادبي ذوق جي بلنديءَ جي ڪافي ثابتي هوندا آهن." مون ورائيو.

"توهانکي خبر نه هوندي ته مان توهانجي مداحن مان آهيان ۽ توهانجا هڙئي ڪتاب پڙهندو رهندو آهيان." هن چيو.

جام جي اڏاوت پوري ٿيڻ کانپوءِ به، جڏهن به مونکي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيماريءَ جو حال حوال انهن ڏنو، جنهن غير ڊاڪٽر دوست کي ڏجي.

هڪڙي ڀيري، ڪو ٽپڙ خريد ڪرڻ لاءِ مونکي حاجيءَ جي هٽ تي وڃڻ جي حاجت پيئي. ڇهه، اٺ مهنا ٿي ويا هئا ته نه هنجي دڪان تي ويو هوس ۽ نه ڪنهن ٻئي هنڌ هن سان مڪا ميلو ٿيو هو.

دڪان ۾ حاجي صاحب موجود ڪونه هو. هنجا ٻئي پٽ، گراهڪن سان رڌل هئا. واندا ٿيا ته پڇيو مان:

”حاجي سائين ڪونه ٿو ڏسجي؟“

هنن جون اکيون مون ۾ کپي ويون. انهن ۾ اچرج هو، ساڳر هئي يا سوال، سو مان سمجهي نه سگهيس. وڏي پٽ جواب ڏيڻ ۾ وڌيڪ دير نه ڪئي.

”چا چا، بابو ته ٽي مهنا ٿيا گذاري ويو!“

”هان!“ منهنجي وات مان نڪتو. مونکي ڌڌڪو پهتو.

”توهان ڏاڍي ڏک جي ڳالهه ٻڌائي، مونکي بيحد افسوس ٿيو.“

اها مون رسمي ڳالهه نه چئي هئي. مونکي سچ پچ افسوس ٿيو هو. هن سان منهنجو چڱو رستو رهيو هو ۽ هو سٺي ذهن ۽ روشن خيالن وارو ماڻهو هو. پر منهنجو اهو ٻول ٻڌي وڏي پٽ چيو ”چاچا، توهانکي افسوس ٿيو!“

هن اهڙي عجيب نموني انهن چيو جو مان هيسجي ويس. خيال آيو ته شايد مون هنن جي ڳالهه نه سمجهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماز پڙهندي دم ڏنو. اهڙو برڪت ڀريو موت ڀاڳ وارن کي ئي نه نصيب ٿيندو آهي.“

مان حيرت مان هنن کي ڏسندو رهيس.

(٢٣ نومبر ١٩٨٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اگهاڙو سماج

اهڙي قسم جا واقعا ڳوٺن ۽ ڀهراڙين ۾ ٿيندا رهن ٿا. اتفاق سان هي واقعو پريس ۽ اخبارن جي ور چڙهي ويو، ۽ اتفاق سان پريس ۽ اخبارن ان واقعي کي ايترو اڀاريو ۽ مٿي اڇلايو جو حڪمرانن کي هڪدم تنديءَ سان ۽ ترت عمل ڪرڻو پيو، ۽ جوابدارن کي هفتي اندر ئي جيل، ڏنڊ ۽ عام آڏو بزار ۾ ڦٽڪن هڻڻ جي سزا ٻڌائي وئي ۽ ڏني وئي، ۽ قانون ۾ تبديلي آئي عورتن کي ٻڌري پٽ اگهاڙو ڪرڻ يا زوري ڪرڻ جي سزا موت تائين مقرر ڪئي وئي.

نرگس انصاريءَ فيروزپور جي ان واقعي جي انگ انگ تي ويچاريو هو ۽ انجي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي هئي.

نرگس انصاري هڪڙي وڏي ڪارخانيدار جي زال آهي. هنجو مڙس اسيمبليءَ جو ميمبر آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وزير به ٿي ويندو آهي. هن کي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻو ڪونه پوندو آهي، انڪري پنهنجي لکڻ پڙهڻ جو شوق آسانيءَ سان ۽ پوريءَ طرح پورو ڪري ڪري سگهندي آهي. هوءَ هڪ ليکڪ آهي؛ ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪم ڪونه ڪندا آهن. انڪري واندا زميندار يا عياشيون ڪندا آهن يا سياست لڙندا آهن، ۽ مردن جي ڪيل ڏوهن جي سزا، بيڏوهي عورتن کي ڏيندا آهن!....

بهرحال، رازي نور محمد جي اکين سامهون پنهنجو حشر ڦرڻ لڳو. انڪري هن چوڌرين کي ليلايو ته، چوڪري کي جيڪا سزا ڏيڻي هجيو سا ڏيو، پر منهنجي گهر جي عورتن جي عزت نه لتاڙجو.

چوڌري سخت غصي ۾ هئا. بدناميءَ ڪري هو پاڻ جهڙن زميندارن جي سامهون ڪنڌ کڻي جهڙا نه رهيا هئا. هنن جي نگاهن جي ٺٺول، هو سهي نه ٿي سگهيا. شرم پرچائڻ ۽ هڪجهڙن جي آڏو ڪنڌ کڻڻ جهڙا ٿيڻ لاءِ هنن کي ڪو اهڙو ڪارنامو ڪري ڏيکارڻو هو. هڪ ته هنن پنهنجي چوڪري شريفان کي الائي ڪيڏانهن موڪلي ڇڏيو. ٻيو هنن پنهنجي مائٽن جو هڪ ٽولو تيار ڪيو.

نرگس انصاريءَ دل ۾ چيو هو: عجب آهي ته هينئر هنن کي عزت ياد آئي آهي. جڏهن عورتن جو حق بخشائي وهارن ٿا، تڏهن هنن کي ڪنهن به قسم جو احساس ڪونه ٿو ٿئي. مان ته چوندس ته اهڙي حالت ۾ چوڪرين جا مردن سان جنسياتي ناتا پيدا ڪرڻ، هڪڙي قسم جي بغاوت آهي، جاگيرداري نظام ۽ عورتن مٿان ظلم خلاف بغاوت. بهتر ٿئي ته عورتون به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عورت مادل آهي، مرد جي تسڪين جو ذريعو آهي، جنهن جي پنهنجي ڪا شخصيت ڪانهي. جاگيرداري سرشتي ۾ عورت سنئون سڌو مرد جي غلام آهي، هڪ ”وٿ“ Commodity آهي. سرمائيداري سرشتي ۾ عورت ظاهري طرح آزاد آهي، پر هن کي اها آزادي ڏني وئي آهي فقط ”وٿ“ بڻجڻ لاءِ، خريد فروخت جي جنس بڻجڻ جي آزادي، ته هوءَ هار سينگار ڪري، مرد جي دل موهي ۽ ان جي قيمت وصول ڪري. هوءَ آزاد آهي نائيٽ ڪلبن، هوٽلن، ڪئبري هائوس، ڪئسينو ۽ اسٽيج تي ناچ ڪرڻ واسطي ۽ مرد جي دل وندرائڻ واسطي. هوءَ پاڻ پنهنجي مرضي سان ڪڏ آمريڪا، يورپ ۽ جپان جي اهڙين جڳهين تي وئي هئي، ۽ عورتن کي اگهاڙو ناچ ڪندي ڏٺو هئائين. سرمائيداري سرشتي ۾ به مرد، عورت کي اگهاڙو ڪري ٿو، پر اهڙي نموني سان جو خود عورت به محسوس نه ٿي ڪري يا جي محسوس ڪري ٿي ته معاشي چار ڪري مجبور آهي ۽ ماٺ ۾ رهي ٿي....

اوچتو نرگس انصاريءَ کي خيال اچي ٿو ته اسان جاگيرداري نظام خلاف ته دانهون ڪيون آهن ۽ زميندارن جو وچ بزار ۾ عورتن کي اگهاڙو ڪرڻ تي هيڏو هنگامون ڪڙو ڪيو اٿئون، پر اسان ان سرمائيداري سرشتي جي ان عمل خلاف آواز ڇونه اٿاريو آهي، پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ۾ حصيدار ۽ شريڪ ٿيون آهيون، جو نائيٽ ڪلبن، ڪئسينو، هوٽلن ۽ ناچ گهرن ۾ عورت کي اگهاڙو ڪري ٿو....

(۱۷ جون ۱۹۸۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پتنگ

سکر مان صبح جو سوير نڪتا، جئن سج بيٺي ٿي ڪراچيءَ پهچي وڃن. ڊگهو سفر هو، ۽ ڦرين، ڌاڙن ۽ حادثن جا انديشا هنن جي ذهن ۾ موجود هئا. موٽر ۾ زال ۽ مڙس ٻه ڄڻا هئا. مڙس جي عمر ٣٥ سال هئي ۽ زال جي ٽيهه سال. زال اهڙي زيبائتي، ڏاهوڪي ۽ سمارٽ هئي جو ڏسڻ سان ٻهراڙيءَ وارن جو وات ته ڦاٽي وڃي، پر ڪراچيءَ جا ماڻهو به هن مان نظرون نه ڪڍي سگهندا هئا.

مڙس موٽر هلائي رهيو هو ۽ هو گهڻو ڌيان رستن تي ٿيندڙ ڦرين، ڌاڙن ۽ اغوا جي واقعن تي ڳالهائي رهيا هئا. اڄڪلهه اهي گهٽنائون عام جام ٿي رهيون هيون. خبرداري طور هنن پاڻ سان نه وڌيڪ نقدي کنئي هئي، نه زيور ۽ نه ڪا ٻي قيمتي شيءِ. پر مڙس جي من ۾ اهو ڊپ جاڳيو ٿي ته متان لٽيرا ڪار ڏسي مونکي نه اغوا ڪن، يا ڏاهوڪي زال ڏسي هنن جي دل نه خراب ٿئي. پر وري پاڻ کي اهو آٿت ٿي ڏنائين ته هنن ڌاڙيلن ۾ ايترو اخلاق آهي، جو هو زال ذات سان بدتميزي

ڪاربيوريٽر جو مٿاڇرو ڇڪاڻ لڳو، پر ڪا خبر ڪانه پيس.

"جهنگل ۾ ڏاڍو برو ڦاٿاسين" هن زال کي چيو.

"ڪنهن گاڏيءَ واري کي هٿ ڏي. ڊرائيور هوشيار ٿيندا آهن. انجڻ جي خرابي سمجهي، ان کي درست ڪري ڏيندا." زال چيو.

مڙس رستي جي ڪناري تي بيٺو ۽ ايندڙ ويندڙ گاڏين کي هٿ ڏيڻ لڳو. ڪيترن کي اشارا ڏيندو رهيو، پر ڪوبه نه ٿي بيٺو. عيد جي موقعي ڪري هرڪنهن کي تڪڙ هئي، هرڪنهن کي جلدي هئي. ڀاڙو ڪمائيندڙ گاڏين وارن گهڻي کان گهڻو ڪمائڻ ٿي چاهيو، انڪري هڪ هڪ منٽ هنن لاءِ ملهائتو هو. ٻين گاڏين وارن کي به پنهنجي پنهنجي گهر پهچڻ جي جلدي هئي. ڪير رستي جي وچ ۾ هن جهنجهٽ ۾ پوي. ڪير نه بيهي نه بيٺو.

زال مڙس منجهي پيا ۽ صلاح ڪرڻ لڳا ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پرسان پٿر لڳل هو: "مورو پنج ڪلوميٽر". موري مان ڪو مستري وٺي اچجي. پر موري تائين ڪيئن پهچجي؟ وڏي ڳالهه ته هن ويران جاءِ تي بيگم کي اڪيلو ڪيئن ڇڏي وڃجي؟ جيتوڻيڪ هوءَ شهري ڇوڪري هئي ۽ گهرو ۽ پردي ۾ بند عورتن وانگر بزدل ۽ مردن کان گهٻرائيندڙ نه رهئي، ۽ ڪراچيءَ جي هڪ بئنڪ ۾ مئنيجر هئي، پر هي هنڌ شهر نه هو....




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ ڄڻ چوندي هجي تہ حالي ماٺ ۾ رهجان، ڪجهہ نہ ڪڇجان. ۽ هو ماٺ ۾ هجوم جو حصو بڻيو رهيو.

ڪجهہ دير ڪانہ لڳي. انهن ڊرائيورن بانيٽ بند ڪئي. هڪ ڊرائيور موٽر ۾ ويهي سئچ لڳائي تہ موٽر چالو ٿي وئي. هن زور سان چيو "بيگم صاحبہ! معمولي خرابي هئي، ٺيڪ ٿي وئي، اچو اچي پنهنجي گاڏي هلايو!"

جڏهن مڙس اچي ڊرائيور جي سيٽ تي ويٺو ۽ بيگم وچي ٻئي پاسي کان پير واري سيٽ تي ويٺي تہ الائي ڇو انهن ڊرائيورن، جن گاڏي ٺيڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي، تن جا منهن لهي ويا.

رستي جي روڪ ختم ٿيڻ ۾ ڪلاڪ کن لڳي ويو. جڏهن هنن جي موٽر پيهہ مان نڪتي ۽ دستوري رفتار سان هلڻ لڳي تڏهن مڙس زال کان پڇيو تہ هي ڇا مامرو هو. زال کلندي ۽ ٽهڪ ڏيندي، مزي سان هن کي سارو قصو ٻڌايو.... مڙس جڏهن بيٽ هلڪو ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، تڏهن بيگم کي پاڻ ڪوشش ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو. هوءَ، جا هي سارو وقت موٽر اندر ويٺي هئي، سا نڪري، ٻاهر رستي تي اچي بيٺي، ۽ لنگهندڙ گاڏين کي بيهڻ لاءِ هٿ ڏيڻ لڳي، ڀرين ٿي گاڏي، جا مسافرن سان پريل سوزوڪي هئي، تنهن جي ڊرائيور ايترو زور سان بريڪ لڳائي، جو گاڏيءَ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيخ نڪري وئي. ان جي پٺيان بس ٿي آئي، ان جي ڊرائيور ٻہ عورت ڏسي گاڏي بيهاري. ان وقت جيڪي ٻہ، چار پنج گاڏيون اتان لنگهيون ٿي ۽ عورت کي اشارو ڪندي ڏٺو هئائون سي سڀ بيهي رهيون ۽ اهو ٻہ خيال ڪونہ ڪيو ويو تہ، گاڏيون وچ رستي تي بيهاريون ويون آهن ۽ رستي جي رڪاوٽ ٿي رهي آهي. عورت کي مصيبت ۾ ڏسي يا سهڻي عورت کي اڪيلو ڏسي، انهن گاڏين جا ڊرائيور پڇندا بيگم وٽ آيا ۽ اچي مسئلو پڇيائون. بيگم جي گاڏيءَ جي خرابيءَ جو معلوم ڪري، هو تڪڙو تڪڙو پنهنجي پنهنجي گاڏيءَ مان اوزارن جي ٿيلهي ڪڍي آيا ۽ چارئي پنجئي ڊرائيور گاڏي ٺيڪ ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي وڃڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويا. رستو روڪجي صفا بند ٿي ويو هو ۽ ٻنهي پاسي گاڏيون بيهنديون ويون. ان وقت مڙس ٻہ اتي اچي سهڙيو هو.

بيگم ڳالهہ پوري ڪئي تہ ڪيترو وقت ٻئي ڄڻا ٽهڪ ڏيندا کلندا رهيا.

(١ جولاءِ ١٩٨٤)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڳنڌ پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

١- فلسطيني ڪهاڻيون سهيڙيندڙ: ممتاز عباسي،
محمد ابراهيم جويو، نجم عباسي، ولي رام ولڀ ۽ ممتاز عباسي ۽
جون ترجمو ڪيل، انقلابي فلسطيني ڪهاڻيون.

٢- سياري جي رات (ڪهاڻيون) رشيد ڀٽي

٣- ٽيون وجود (ڪهاڻيون) امر جليل

٤- جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون) امر جليل

٥- جيجل منهنجي ماءُ (ڪهاڻيون) امر جليل

٦- موٽندڙ ڇوليون (ڪهاڻيون) عبدالقادر جوڻيجو

٧- انسان زنده رهندا سين (آتم ڪهاڻي) ليلي خالد

## سنڌي ساهت ۽ ناٽڪ جو بهترين ترجمان
## ناٽڪ

(ڪتابي سلسلو)

جنهن جي پهرين ڪتاب ۾ تنوير عباسي، عزيز ٽالپر،
ماهتاب محبوب، قمر واحد، اياز گل، مختيار ملڪ،
نصير مرزا، ج-ع منگهاڻي، لياقت رضوي، ببلا، عائشه چنا،
امرتا، ڪوبل ۽ ٻين جون لکڻيون شامل آهن.

– سنڌي ساهت جي اسٽيج تي "ناٽڪ" جاڙ
پيش ٿي رهيو آهي.

اعزازي هدايتڪار: نثار حسيني — پيشڪار: لياقت رضوي

سگنڌ پبليڪيشن جا ڇپايل بهترين ڪتاب

## سنڌو منهنجي ساهه ۾
### ڪهاڻيون: امر جليل

امر جليل جون، ڪالمن ۾ لکيل چونڊ مختصر سٺيون ڪهاڻين جو ڪتاب. هن ڪتاب ۾ ڌرتيءَ ۽ دل وارن جون ڪهاڻيون آهن، لازوال محبت جا افسانا آهن. انهن ڪالمن ۾ امر جليل جي آتم ڪٿا آهي.
(۲۸۰ صفحا، اڇو ڪاغذ، بهترين ڏائيٽل، قيمت ۲۲ رپيا)

## سدا ساوا پن
### — ولي رام ولڀ

دنيا جي چئن چونڊ انقلابي ليکڪن محمود درويش، يشپال، پئبلو نرودا ۽ لورڪا جي زندگيءَ بابت ڄاڻ ڏيندڙ سانديڻ جهڙو ڪتاب. (۱۶۰ صفحا، اڇو ڪاغذ، قيمت ۱۵ روپيا)

## پهاڙن ۾ پڪار
### سنڌيڪار: نجم عباسي

دنيا جي وڏي ليکڪ خليل جبران جي قلم مان نڪتل، ارڏن ۽ قداور ڪردارن جون اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون. (۱۵۲ صفحا، اڇو ڪاغذ، وڻندڙ ٽائيٽل، قيمت ۱۲ روپيا)

گهرائڻ لاءِ:
سگنڌ ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو.

# سگنڌ پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

١- سوچ ڪي لوچ (شاعري) ذوالفقار راشدي ٠٠-٢٠
٢- موهن جي دڙي جو خزانو ڪرشن چندر (ختم ٿيل)
٣- طوفان جي تمنا (ڪهاڻيون) نجم عباسي ٠٠-١٢
٤- سيلاب زندگيءَ جو (ناول) پوپٽي هيراننداڻي ٠٠-٨
٥- رات منهنجي روح ۾ (ڪهاڻيون) غلام نبي مغل ٠٠-١٥
٦- پٿر دل (ڪهاڻيون) ڪرشن چندر ٠٠-٧
٧- تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون) امر جليل (ختم ٿيل)
[ٻيهر ڇاپي لاءِ اڳواٽ آرڊر بوڪ ڪرايو]
٨- جيل گهاريم جن سان (خاڪا) طارق اشرف ٠٠-٥
٩- اسان زنده رهنداسين (آتم ڪهاڻي) ليليٰ خالد (ختم ٿيل)
[ٻيهر ڇاپي لاءِ اڳواٽ آرڊر بوڪ ڪرايو.]
١٠- منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو (ڪهاڻيون) امر جليل ٠٠-٢٠
١١- ڌرتي ماءُ (ناول) چنگيز اعتماتوف ٠٠-١٢
سنڌيڪار: زيب سنڌي
١٢- ٻهارُن ۾ پڪار (ڪهاڻيون) خليل جبران ٠٠-١٢
سنڌيڪار: نجم عباسي
١٣- سدا ساوا ٻن (٤ انقلابي ليکڪ) ولي رام ولڀ ٠٠-١٥
١٤- ڏينهن ڏٺي جا سپنا (شاعري) اياز گل ٠٠-١٥
١٥- وليون وڻ ٽلاريا (شاعري) ادل سومرو ٠٠-١٠
١٦- سنڌو منهنجي ساهه ۾ (چونڊ ڪالم) امر جليل ٠٠-٢٢
١٧- پروفيسر

گهرائڻ لاءِ
سگنڌ ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



[جمال صحبت]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book